# سورت بني اسرائيل ـ مکي

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي

## رکوع 1

### معراج جي حقيقت قرآن مجيد جو نزول ۽ مقصد

سُبۡحٰنَ الَّذِيۡۤ اَسۡرٰى بِعَبۡدِهٖ لَيۡلًا مِّنَ الۡمَسۡجِدِ الۡحَـرَامِ اِلَى الۡمَسۡجِدِ الۡاَقۡصَا الَّذِىۡ بٰرَكۡنَا حَوۡلَهٗ لِنُرِيَهٗ مِنۡ اٰيٰتِنَا ؕ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيۡعُ الۡبَصِيۡرُ ۝۱

(١) پاڪائي آهي انهيءَ (الله) جي لاءِ جنهن پنهنجي ٻانهي (حضرت محمدﷺ) کي راتو واه مسجد الحرام (يعني ڪعبت الله) کان مسجد الاقصىٰ (يعني بيت المقدس واري مسجد جا فلسطين جي شهر (يروشلم ۾ آهي) تائين، جنهن مسجد جي جي پسگردائي کي اسان برڪت ڏني آهي، سير ڪرايو ۽ هن لاءِ (سير ڪرايو) ته اسان ڪيس پنهنجون نشانيون ڏيکاري ڇڏيون. بيشڪ اهوئي (الله) آهي جي ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ آهي.

وَاٰتَيۡنَا مُوۡسَى الۡكِتٰبَ وَجَعَلۡنٰهُ هُدًى لِّبَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ اَلَّا تَتَّخِذُوۡا مِنۡ دُوۡنِىۡ وَكِيۡلًا ؕ ۝۲

(٢) ۽ (اهڙيءَ طرح) اسان موسىٰ کي ڪتاب (تورات) ڏنو ۽ ان ڪتاب کي بني اسرائيلن جي لاءِ هدايت جو ذريعو بنايو (۽ حڪم ڏنو) ته مون کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي پنهنجو ڪارساز نه بنائجو.

ذُرِّيَّةَ مَنۡ حَمَلۡنَا مَعَ نُوۡحٍ ؕ اِنَّهٗ كَانَ عَبۡدًا شَكُوۡرًا ۝۳

(٣) توهان (بني اسرائيل) انهن ماڻهن جو نسل آهيو جن کي اسان (طوفان جي تباهيءَ کان بچايو هو ۽) حضرت نوح سان گڏ (ٻيڙيءَ ۾) سوار ڪرايو هو ۽ هو (حضرت نوح خدا جو) هڪ شڪرگذار ٻانهو هو.

وَقَضَيۡنَاۤ اِلٰى بَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ فِى الۡكِتٰبِ لَـتُفۡسِدُنَّ فِى الۡاَرۡضِ مَرَّتَيۡنِ وَلَتَعۡلُنَّ عُلُوًّا كَبِيۡرًا ۝۴

(٤) ۽ اسان ڪتاب (تورات) ۾ بني اسرائيلن کي هن فيصلي جي خبر ڏئي ڇڏي هئي ته توهان ضرور ملڪ ۾ ٻه ڀيرا خرابيون پکيڙيندؤ ۽ تمام وڏي آڪڙ ۽ سرڪشي ڪندؤ.

فَاِذَا جَآءَ وَعۡدُ اُوۡلٰٮهُمَا بَعَثۡنَا عَلَيۡكُمۡ عِبَادًا لَّنَاۤ اُولِىۡ بَاۡسٍ شَدِيۡدٍ فَجَاسُوۡا خِلٰلَ الدِّيَارِ ؕ وَكَانَ وَعۡدًا مَّفۡعُوۡلًا ۝۵

(٥) پوءِ جڏهن انهن ٻن وقتن مان پهريون وقت اچي ويو، تڏهن (اي بني اسرائيلؤ) اسان توهان جي مٿان اهڙا بندا (حملي ڪرڻ لاءِ) موڪليا جيڪي ڏاڍا خوفناڪ هئا. پوءِ اهي اوهان جي آبادين (رڳو ڳوٺن ۽ شهرن) جي اندر پکڙجي ويا ۽ الله جو واعدو ته انهيءَ ئي لاءِ هو ته پوريءَ طرح تعميل هيٺ اچي ۽ پورو ٿي وڃي.

ثُمَّ رَدَدۡنَا لَـكُمُ الۡكَرَّةَ عَلَيۡهِمۡ وَاَمۡدَدۡنٰكُمۡ بِاَمۡوَالٍ وَّبَنِيۡنَ وَجَعَلۡنٰكُمۡ اَكۡثَرَ نَفِيۡرًا ۝۶

(٦) پوءِ (ڏسو) اسان زماني جي گردش توهان (بني اسرائيلن) جي دشمنن جي خلاف ۽ توهان جي موافق ڪري ڇڏي ۽ مال، دولت ۽ اولاد جي گهٽائي سان اوهان جي مدد ڪئي سين ۽ اوهان کي (وري) وڏي تعداد ۽ جمعيت وارا ڪري ڇڏيوسين.

اِنۡ اَحۡسَنۡتُمۡ اَحۡسَنۡتُمۡ لِاَنۡفُسِكُمۡ ۖ وَاِنۡ

(٧) جيڪڏهن توهان نيڪيءَ جا ڪم ڪيا ته پنهنجي لاءِ ئي ڪيا ۽ جيڪڏهن برائيون ڪيون ته ٻه پنهنجي لاءِ ڪيون. پوءِ جڏهن ٻئي واعدي

أَسَأْتُمْ فَلَهَا ۚ فَإِذَا جَاءَ وَعْدُ الْآخِرَةِ لِيَسُوءُوا وُجُوهَكُمْ وَلِيَدْخُلُوا الْمَسْجِدَ كَمَا دَخَلُوهُ أَوَّلَ مَرَّةٍ وَلِيُتَبِّرُوا مَا عَلَوْا تَتْبِيرًا ۝٧

جو وقت آيو (تڏهن اسان پنهنجي ٻين بندن رومين کي اوهان جي مٿان حملو ڪرڻ لاءِ موڪليو) انهيءَ لاءِ تہ توهان جي چهرن تي ذلت ۽ خواري ڦيرائي ڇڏين، ۽ اهڙيءَ ئي طرح ديول ۾ داخل ٿي وڃن، جهڙيءَ طرح پهرئين ڀيري (بابل وارا) حملو ڪندڙ داخل ٿيا هئا ۽ جيڪي بہ ڏسن ۽ هٿ ڪن تنهن کي ٽوڙي ڀڃي ناس ڪري ڇڏين.

عَسَىٰ رَبُّكُمْ أَنْ يَرْحَمَكُمْ ۚ وَإِنْ عُدْتُمْ عُدْنَا ۘ وَجَعَلْنَا جَهَنَّمَ لِلْكَافِرِينَ حَصِيرًا ۝٨

(٨) عجب ناهي تہ (اي بني اسرائيلو) توهان جو پروردگار توهان تي رحم ڪري (جيڪڏهن هاڻي بہ باز اچو) پر جيڪڏهن توهان وري سرڪشي ۽ فساد ڏانهن موٽندؤ تہ (الله تعاليٰ فرمائي ٿو) تہ اسان جي طرفان بہ اوهان جي عملن جو (سخت) بدلو موٽي ايندو. ۽ (ياد رکو تہ) اسان حق جي منڪرن لاءِ جهنم جو قيد خانو تيار رکيو آهي.

إِنَّ هَٰذَا الْقُرْآنَ يَهْدِي لِلَّتِي هِيَ أَقْوَمُ وَيُبَشِّرُ الْمُؤْمِنِينَ الَّذِينَ يَعْمَلُونَ الصَّالِحَاتِ أَنَّ لَهُمْ أَجْرًا كَبِيرًا ۝٩

(٩) بيشڪ هيءُ قرآن اها واٽ ڏيکاري ٿو جا سيني کان وڌيڪ سڌي آهي ۽ ايمان وارن کي جيڪي صالح عمل ڪن ٿا خوشخبري ٿو ڏئي تہ ڪين تمام وڏو اجر ملندو.

وَأَنَّ الَّذِينَ لَا يُؤْمِنُونَ بِالْآخِرَةِ أَعْتَدْنَا لَهُمْ عَذَابًا أَلِيمًا ۝١٠

(١٠) ۽ (قرآن هن ڳالهہ جو بہ اعلان ڪري ٿو تہ) جيڪي ماڻهو آخرت بابت يقين نٿا رکن تن جي لاءِ اسان وڏو دردناڪ عذاب تيار ڪري رکيو آهي.

### رڪوع 2

**وحي جي مدد ڪان سواءِ انسان سڌي راهہ تي قائم رهي نٿو سگهي.**

وَيَدْعُ الْإِنْسَانُ بِالشَّرِّ دُعَاءَهُ بِالْخَيْرِ ۖ وَكَانَ الْإِنْسَانُ عَجُولًا ۝١١

(١١) ۽ (ڏسو) جهڙيءَ طرح انسان پنهنجي لاءِ چڱائيءَ جي دعا گهري ٿو اهڙي ئي طرح برائي (يعني نقصان واري ڳالهہ) بہ گهري ٿو (ڇو تہ هن کي خبر ناهي تہ اها برائي آهي، ان مان نقصان يا ايذاءُ رسندو) ۽ حقيقت هيءَ آهي تہ انسان تڪڙو آهي.

وَجَعَلْنَا اللَّيْلَ وَالنَّهَارَ آيَتَيْنِ ۖ فَمَحَوْنَا آيَةَ اللَّيْلِ وَجَعَلْنَا آيَةَ النَّهَارِ مُبْصِرَةً لِتَبْتَغُوا فَضْلًا مِنْ رَبِّكُمْ وَلِتَعْلَمُوا عَدَدَ السِّنِينَ وَالْحِسَابَ ۚ وَكُلَّ شَيْءٍ فَصَّلْنَاهُ تَفْصِيلًا ۝١٢

(١٢) ۽ (ڏسو) اسان رات ۽ ڏينهن کي (پنهنجي قدرت ۽ حڪمت جون) بہ نشانيون بنايو آهي. سو رات واري نشاني اسان ڪجهہ قدر اونداهي ڪئي آهي. (انهيءَ لاءِ تي آرام جو وقت بنجي پوي) ۽ ڏينهن جي نشاني روشن ڪئي اٿئون انهيءَ لاءِ تہ (ان جي روشنيءَ ۾) پنهنجي پروردگار جي فضل جي تلاش ڪيو (يعني گذران جو سامان هٿ ڪيو). پڻ (رات ڏينهن جي اختلاف سان) سالن جو شمار ڪيو ۽ (سالن جي شمار سان هر طرح جو) حساب بہ معلوم ڪري وٺو. اسان (قرآن ۾) هر شيء جو بيان کولي کولي، (جدا جدا ڪري) چٽو ڪري ڇڏيو آهي.

وَكُلَّ إِنْسَانٍ أَلْزَمْنَاهُ طَائِرَهُ فِي عُنُقِهِ ۖ وَ

(١٣) ۽ اسان هر انسان جي شامت سندس ئي ڳچيءَ ۾ ٻڌي ڇڏي آهي. (ڪٿان ٻاهران ڪونہ ٿي اچي، مٿس ڪري يعني سندس ئي عملن جي

نُخۡرِجُ لَهٗ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ كِتٰبًا يَّلۡقٰٮهُ مَنۡشُوۡرًا ﴿۱۳﴾

نتيجو آهي) قيامت جي ڏينهن اسان هن جي لاءِ (سندس اعمال نامي جو) هڪ ڪتاب ڪڍي سندس اڳيان رکنداسين، هو ان کي پنهنجي اڳيان کليل ڏسندو.

اِقۡرَاۡ كِتٰبَكَ ؕ كَفٰى بِنَفۡسِكَ الۡيَوۡمَ عَلَيۡكَ حَسِيۡبًا ؕ ﴿۱۴﴾

(١٤) (پوءِ اسان کيس چونداسين تہ) پنهنجو اعمال نامون پڙهي وٺ. اڄوڪي ڏينهن خود تنهنجو وجود ئي تنهنجي حساب لاءِ (يعني توکي تنهنجو حساب ڏيکارڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ) بلڪل ڪافي آهي.

مَنِ اهۡتَدٰى فَاِنَّمَا يَهۡتَدِىۡ لِنَفۡسِهٖ ۚ وَمَنۡ ضَلَّ فَاِنَّمَا يَضِلُّ عَلَيۡهَا ؕ وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزۡرَ اُخۡرٰى ؕ وَمَا كُنَّا مُعَذِّبِيۡنَ حَتّٰى نَبۡعَثَ رَسُوۡلًا ﴿۱۵﴾

(١٥) جنهن سڌي واٽ ورتي تنهن پنهنجي ئي (فائدي) لاءِ ورتي، ۽ جيڪو سڌي واٽ ڇڏي گمراهہ ٿيو سو ئي پنهنجي گمراهيءَ جو نتيجو ڀوڳيندو. ڪوبہ بار کڻندڙ ڪنهن ٻئي جو بار نٿو کڻي. (هر ڪنهن کي پنهنجي ئي عملن جو بار کڻڻو آهي.) ۽ اسان ڪڏهن بہ هيئن نٿا ڪيون جو (ڪنهن قوم کي) عذاب ڏيون، پر ان وقت (عذاب ڏيون ٿا) جڏهن پهريائين ان ۾ هڪ رسول پيدا ڪيون ٿا (۽ پوءِ بہ اهي ماڻهو سرڪشي ۽ فساد ڪرڻ کان نٿا هٽن ۽ مڙن).

وَاِذَاۤ اَرَدۡنَاۤ اَنۡ نُّهۡلِكَ قَرۡيَةً اَمَرۡنَا مُتۡرَفِيۡهَا فَفَسَقُوۡا فِيۡهَا فَحَقَّ عَلَيۡهَا الۡقَوۡلُ فَدَمَّرۡنٰهَا تَدۡمِيۡرًا ﴿۱۶﴾

(١٦) ۽ جڏهن اسان ڪنهن بستيءَ کي تباهہ ڪرڻ جو فيصلو ڪيون ٿا تڏهن پهريائين ان جي آسودن ۽ شاهوڪار ماڻهن کي حڪم ٿا ڏيون. (يعني وحي جي رستي حق جا حڪم ٿا پهچايون.). پوءِ هو انهن جي تعميل ڪرڻ بدران نافرماني ڪن ٿا. پوءِ هو عذاب جا لائق ۽ حقدار ثابت ٿين ٿا ۽ اسان (سندن بدعملن جي عيوض ۾) هنن کي برباد ۽ تباهہ ڪري ٿا ڇڏيون.

وَكَمۡ اَهۡلَكۡنَا مِنَ الۡقُرُوۡنِ مِنۡۢ بَعۡدِ نُوۡحٍ ؕ وَكَفٰى بِرَبِّكَ بِذُنُوۡبِ عِبَادِهٖ خَبِيۡرًاۢ بَصِيۡرًا ﴿۱۷﴾

(١٧) ۽ (ڏسو) حضرت نوح کان پوءِ قومن جا ڪيترائي دور گذري چڪا آهن، جن کي اسان تباهہ ڪري ڇڏيو ۽ (اي پيغمبر!) تنهنجو پروردگار پنهنجي بندن جي گناهن متعلق ڪافي خبر رکندڙ ۽ ڪافي ڏسندڙ آهي.

مَنۡ كَانَ يُرِيۡدُ الۡعَاجِلَةَ عَجَّلۡنَا لَهٗ فِيۡهَا مَا نَشَآءُ لِمَنۡ نُّرِيۡدُ ثُمَّ جَعَلۡنَا لَهٗ جَهَنَّمَ ۚ يَصۡلٰٮهَا مَذۡمُوۡمًا مَّدۡحُوۡرًا ﴿۱۸﴾

(١٨) جيڪڏهن ڪو ماڻهو تڪڙو فائدو (هن دنيا ۾) چاهي ٿو تہ پوءِ جنهن کي اسان اهو فائدو ڏيڻ چاهيون ۽ جيترو ڏيڻ چاهيون هن دنيا ۾ ڏيئي ڇڏيون ٿا. پر پوءِ آخر هن جي لاءِ اسان جهنم بنائي رکيو آهي. ان ۾ هو داخل ٿيندو بڇڙن حالتن ۾ ۽ ڌڪاريل حالت ۾.

وَمَنۡ اَرَادَ الۡاٰخِرَةَ وَسَعٰى لَهَا سَعۡيَهَا وَهُوَ مُؤۡمِنٌ فَاُولٰٓـئِكَ كَانَ سَعۡيُهُمۡ مَّشۡكُوۡرًا ﴿۱۹﴾

(١٩) پر جيڪڏهن ڪو آخرت جو طالب هوندو ۽ ان جي لاءِ جهڙي ڪوشش ڪرڻ گهرجي تهڙي ڪوشش ڪندو ۽ پڻ ايمان وارو بہ هوندو تہ پوءِ (هن جي لاءِ دائمي ڪاميابيون هونديون ۽) اهڙن ماڻهن جي ڪوشش قبول پوندي.

كُلًّا نُّمِدُّ هٰٓؤُلَآءِ وَهٰٓؤُلَآءِ مِنۡ عَطَآءِ رَبِّكَ ؕ وَمَا

(٢٠) اسان هر ڪنهن کي (يعني مٿي ڄاڻايل ٻنهي قسمن جي ماڻهن کي)

كَانَ عَطَآءُ رَبِّكَ مَحْظُوْرًا ﴿٢٠﴾

پنهنجي پروردگاريءَ جي بخشش سان (هن دنيا ۾) مدد ڪيون ٿا، انهن کي به (جي فقط دنيا جي پوئٽان لڳي ٿا پون) ۽ انهن کي به (جيڪي آخرت جا طالب ٿين ٿا ۽ حق جي راهه تي ٿا هلن) ۽ (اي پيغمبر!) تنهنجي پروردگار جي بخشش عام آهي ۽ ڪنهن جي به لاءِ بند ناهي.

اُنْظُرْ كَيْفَ فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ ؕ وَ لَلْاٰخِرَةُ اَكْبَرُ دَرَجٰتٍ وَّ اَكْبَرُ تَفْضِيْلًا ﴿٢١﴾

(٢١) ڏس! اسان ڪهڙيءَ طرح (هن دنيا ۾) ڪن ماڻهن کي ڪن ماڻهن کان وڌيڪ فضيلت ڏني آهي. (جو ڪي ڪهڙي حال ۾ آهن ته ڪي ڪهڙي حال ۾) ۽ حقيقت هيءَ آهي ته آخرت جا درجا سيني کان وڌيڪ وڏا آهن ۽ سيني کان وڌيڪ سٺا آهن.

لَا تَجْعَلْ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ فَتَقْعُدَ مَذْمُوْمًا مَّخْذُوْلًا ﴿٢٢﴾ ع

(٢٢) الله سان گڏ ڪنهن به ٻئي کي معبود نه بنايو، نه ته اهڙا هوندؤ جو هر طرح نفرت جا لائق ۽ هر طرح پريشان ۽ تنگ حال هوندؤ.

## رڪوع 3

**اجايو خرچ ڪندڙ شيطان جا ڀائر آهن، نڪي هٿ قاڙ ٿيو نڪي ڪنجوس ٿيو. رزق ڪشادو ڪرڻ وارو ۽ تنگ ڪرڻ وارو الله آهي.**

وَقَضٰى رَبُّكَ اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّآ اِيَّاهُ وَ بِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا ؕ اِمَّا يَبْلُغَنَّ عِنْدَكَ الْكِبَرَ اَحَدُهُمَآ اَوْ كِلٰهُمَا فَلَا تَقُلْ لَّهُمَآ اُفٍّ وَّلَا تَنْهَرْهُمَا وَقُلْ لَّهُمَا قَوْلًا كَرِيْمًا ﴿٢٣﴾

(٢٣) ۽ تنهنجي پروردگار حڪم ڏئي ڇڏيو آهي ته ڪانئس سواءِ ٻئي ڪنهن جي به ٻانهپ نه ڪيو ۽ پنهنجي ماءُ پيءُ سا ڀلايون ڪيو. جيڪڏهن ماءُ پيءُ مان ڪو هڪ يا ٻئي تنهنجي حياتيءَ ۾ ٻڍاپڻ جي عمر کي پهچي وڃن (۽ انهن جي خدمت جو بار تنهنجي ذمي ٿئي) ته انهن جي ڪنهن به ڳالهه تي رڳو اف به نه چئه (يعني ڪوبه خفي ٿيڻ جو لفظ نه چئه) نڪي (غصي ۾ اچي) ڪين جهڻڪڻ شروع ڪري ڏي. هنن سان ڳالهه ٻولهه ادب ۽ عزت سان ڪر.

وَاخْفِضْ لَهُمَا جَنَاحَ الذُّلِّ مِنَ الرَّحْمَةِ وَ قُلْ رَّبِّ ارْحَمْهُمَا كَمَا رَبَّيٰنِيْ صَغِيْرًا ﴿٢٤﴾ ؕ

(٢٤) هنن جي اڳيان محبت ۽ مهربانيءَ سان نماڻائيءَ جو سر جهڪائي رک، سندن حق ۾ (هميشه) دعا گهرندو رهه ته اي منهنجا پروردگار! جهڙيءَ طرح هنن مون کي منهنجي ننڍپڻ ۾ پاليو نپايو، تهڙيءَ طرح تون به هنن تي رحم ڪندو رهه.

رَبُّكُمْ اَعْلَمُ بِمَا فِيْ نُفُوْسِكُمْ ؕ اِنْ تَكُوْنُوْا صٰلِحِيْنَ فَاِنَّهٗ كَانَ لِلْاَوَّابِيْنَ غَفُوْرًا ﴿٢٥﴾

(٢٥) جيڪي توهان جي دلين ۾ آهي سو الله تعاليٰ چڱيءَ طرح ٿو ڄاڻي. جيڪڏهن توهان نيڪ عمل ڪندڙ آهيو (پر ڀل چڪ کان ڪا خطا ٿي وڃي) ته پوءِ (پريشان نه ٿيو) هو (الله) بيشڪ توبهه ڪرڻ وارن لاءِ وڏو بخشڻهار آهي.

وَاٰتِ ذَا الْقُرْبٰى حَقَّهٗ وَالْمِسْكِيْنَ وَابْنَ السَّبِيْلِ وَلَا تُبَذِّرْ تَبْذِيْرًا ﴿٢٦﴾

(٢٦) ۽ (ياد رکو ته) جيڪي توهان جا مائٽ آهن، جيڪي به مسڪين آهن ۽ جيڪي (ٻي سمر ۽ ٻي يار) مسافر آهن، انهن سيني جو اوهان تي حق آهي ۽ انهن جو حق ادا ڪندا رهو. ۽ (مال ۽ دولت کي) ائين اجايو (عياشين ۽ نمائشن تي) خرچ نه ڪيو جيئن بيجا لٽڻ ٿيندو آهي.

إِنَّ الْمُبَذِّرِينَ كَانُوٓا إِخْوَانَ الشَّيٰطِينِ ۖ وَكَانَ الشَّيْطٰنُ لِرَبِّهٖ كَفُورًا ﴿٢٧﴾

(٢٧) اجايو خرچ ڪندڙ (جيڪي بيجا طور عياشين ۽ نمائشن تي مال لٽيندا آهن) شيطانن جا ڀائي بند آهن ۽ شيطان پنهنجي پروردگار جي نعمتن جو بي شڪر آهي.

وَإِمَّا تُعْرِضَنَّ عَنْهُمُ ابْتِغَآءَ رَحْمَةٍ مِّنْ رَّبِّكَ تَرْجُوهَا فَقُلْ لَّهُمْ قَوْلًا مَّيْسُورًا ﴿٢٨﴾

(٢٨) ۽ جيڪڏهن هيئن هجي جي توهان پنهنجي پروردگار ۾ اميدون رکي سندس فضل جي تلاش ۾ هجو (يعني تنگيءَ جي حالت ۾ هجو ۽ ڪمائڻ لاءِ نڪري پئو) ۽ ان ڪري توهان کي انهن (حقدارن) کان منهن ڦيرائڻو پوي ته پوءِ اوهان کي گهرجي ته نرميءَ سان انهن کي سمجهايو (۽ سخت لفظ نه ڳالهايو).

وَلَا تَجْعَلْ يَدَكَ مَغْلُولَةً إِلٰى عُنُقِكَ وَلَا تَبْسُطْهَا كُلَّ الْبَسْطِ فَتَقْعُدَ مَلُومًا مَّحْسُورًا ﴿٢٩﴾

(٢٩) ۽ نڪي پنهنجو هٿ پنهنجي ڳچيءَ سان ٻڌي ڇڏيو (يعني نڪي ڪنجوسائي ڪيو) نڪي بلڪل هٿ ڦاڙ ٿيو. (ٻنهي حالتن جو نتيجو هي ٿيندو ته) توهان تي هر طرف کان ملامت پوندي ۽ تنگيءَ جي حالت ۾ رهندؤ.

إِنَّ رَبَّكَ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيَقْدِرُ ۚ إِنَّهٗ كَانَ بِعِبَادِهٖ خَبِيرًا بَصِيرًا ﴿٣٠﴾

(٣٠) بيشڪ تنهنجو پروردگار جنهن لاءِ چاهي ٿو تنهن لاءِ روزي ڪشادي ڪري ٿو ڇڏي ۽ جنهن لاءِ چاهي ٿو تنهن لاءِ ماپيل توريل (عيني توري) ڏئي ٿو. هو پنهنجي ٻانهن (جي حالت) جي خبر رکندڙ ۽ (سڀ ڪجهه) ڏسندڙ آهي.

رڪوع 4

**اولاد کي قتل ڪرڻ، زناڪاري، خونريزي ۽ يتيمن جي مال کائڻ کان منع. تور ۽ ماپ پوري ڏيڻ جو حڪم. جنهن ڳالهه جي توهان کي خبر نه هجي سا نه چئو ۽ نه ان تي عمل ڪيو. زمين تي آڪڙ ڪري نه گهمو.**

وَلَا تَقْتُلُوٓا أَوْلَادَكُمْ خَشْيَةَ إِمْلَاقٍ ۖ نَحْنُ نَرْزُقُهُمْ وَإِيَّاكُمْ ۚ إِنَّ قَتْلَهُمْ كَانَ خِطْأً كَبِيرًا ﴿٣١﴾

(٣١) ۽ سڃائي جي خوف کان پنهنجي اولاد کي نه ماري ڇڏيو. اسان ئي کين ۽ اوهان کي به روزي ٿا رسايون. هنن کي ماري ڇڏڻ تمام وڏو گناهه آهي.

وَلَا تَقْرَبُوا الزِّنٰىٓ إِنَّهٗ كَانَ فَاحِشَةً ۗ وَسَآءَ سَبِيلًا ﴿٣٢﴾

(٣٢) ۽ زناڪاريءَ جي ويجهي به نه وڃو. يقين ڪيو ته اهو ڪم وڏي بي شرميءَ جو ڪم آهي ۽ وڏي خرابيءَ جي چال آهي.

وَلَا تَقْتُلُوا النَّفْسَ الَّتِي حَرَّمَ اللّٰهُ إِلَّا بِالْحَقِّ ۗ وَمَنْ قُتِلَ مَظْلُومًا فَقَدْ جَعَلْنَا لِوَلِيِّهٖ سُلْطٰنًا فَلَا يُسْرِفْ فِّي الْقَتْلِ ۖ إِنَّهٗ كَانَ مَنْصُورًا ﴿٣٣﴾

(٣٣) ۽ ڪنهن به اهڙي شخص کي ناحق قتل نه ڪيو جنهن کي قتل ڪرڻ الله تعاليٰ حرام ٺهرايو آهي ۽ جيڪو به ظلم سان قتل ڪيو وڃي تنهن جي وارثن کي اسان (قصاص جي گهر ڪرڻ جو) اختيار ڏيئي ڇڏيو آهي، پر کيس گهرجي ته خونريزيءَ ۾ زيادتي نه ڪري (يعني حق کان وڌيڪ بدلو وٺڻ جو خيال نه ڪري) هو (حد جي اندر رهڻ ۾) مدد جو حقدار ٺهرايل آهي. (يعني ڪيس ٻين ماڻهن خواهه سرڪاري قانون جي مدد تي ملي.)

وَلَا تَقْرَبُوْا مَالَ الْيَتِيْمِ اِلَّا بِالَّتِيْ هِيَ
اَحْسَنُ حَتّٰى يَبْلُغَ اَشُدَّهٗ ۠ وَاَوْفُوْا
بِالْعَهْدِ ۚ اِنَّ الْعَهْدَ كَانَ مَسْـُٔوْلًا ۝۳۴

(٣٤) ۽ يتيمن جي مال جي ويجهي بہ نہ وڃو (يعني ان کي خرچ ڪرڻ جو ارادو بہ نہ ڪيو) پر اهڙي طريقي سان (ڀلي ويجهو وڃو) جو بهترين هجي (يعني يتيم جو مال سنڀالڻ ۽ وڌائڻ لاءِ ڀلي بندوبست رکو) جيستائين يتيم جوان ٿئي. (۽ توهان سندس امانت سندس حوالي ڪيو) ۽ (ياد رکو) پنهنجو عهد پاڙيندا ڪيو. عهد جي باري ۾ توهان کان ضرور پڇاڻو ڪيو ويندو.

وَاَوْفُوا الْكَيْلَ اِذَا كِلْتُمْ وَزِنُوْا بِالْقِسْطَاسِ
الْمُسْتَقِيْمِ ۭ ذٰلِكَ خَيْرٌ وَّاَحْسَنُ تَاْوِيْلًا ۝۳۵

(٣٥) ۽ جڏهن ڪا شيءِ ماپيو تہ بلڪل پوري ماپ ڪيو، (ان ۾ گهٽتائي نہ ڪيو) ۽ جڏهن توريو تڏهن سچي ۽ سڌي تارازي سان توريو (يعني نڪي تارازي غلط هجي نڪي تورڻ ۾ ڪا هٿ جي چالاڪي ڪجي) اهوئي بهتر طريقو آهي ۽ چڱو نتيجو ڏيڻ وارو آهي.

وَلَا تَقْفُ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ ۭ اِنَّ السَّمْعَ وَ
الْبَصَرَ وَالْفُؤَادَ كُلُّ اُولٰۗىِٕكَ كَانَ عَنْهُ مَسْـُٔوْلًا ۝۳۶

(٣٦) ۽ (ڏسو) جنهن ڳالهہ جو اوهان کي علم ڪونهي تنهن جي پٺيان نہ پئو. (پنهنجي حد جي اندر رهو) ياد رکو تہ، ڪنن، اکين، دل ۽ دماغ (يعني جذبن ۽ خيالن) جي باري ۾ پڇاڻو ٿيڻو آهي.

وَلَا تَمْشِ فِي الْاَرْضِ مَرَحًا ۚ اِنَّكَ لَنْ
تَخْرِقَ الْاَرْضَ وَلَنْ تَبْلُغَ الْجِبَالَ طُوْلًا ۝۳۷

(٣٧) ۽ زمين تي آڪڙ ڪري نہ گهمو. يقيناً توهان زمين کي ڏاري ڪونہ سگهندؤ، نڪي جبلن جيڏا ڊگها ٿي سگهندؤ.

كُلُّ ذٰلِكَ كَانَ سَيِّئُهٗ عِنْدَ رَبِّكَ مَكْرُوْهًا ۝۳۸

(٣٨) انهن سڀني ڳالهين جو حال هي آهي تہ انهن جي بڇڙائي توهان جي پروردگار کي سخت ناپسند آهي.

ذٰلِكَ مِمَّآ اَوْحٰٓى اِلَيْكَ رَبُّكَ مِنَ الْحِكْمَةِ ۭ وَ
لَا تَجْعَلْ مَعَ اللّٰهِ اِلٰـهًا اٰخَرَ فَتُلْقٰى فِيْ جَهَنَّمَ
مَلُوْمًا مَّدْحُوْرًا ۝۳۹

(٣٩) (اي پيغمبر!) هي انهن حڪمت جي ڳالهين مان آهن جي تنهنجي پروردگار توکي وحي ڪري ٻڌايون آهن ۽ (انهن سڀني ڳالهين جو بنياد هي آهي تہ) الله سان گڏ ڪو ٻيو معبود نہ ٺهرايو جو آخر دوزخ ۾ اڇلايا وڃو (اهڙيءَ حالت ۾ جو) ملامت ڪيل ۽ ڌڪاريل هجو.

اَفَاَصْفٰىكُمْ رَبُّكُمْ بِالْبَنِيْنَ وَاتَّخَذَ مِنَ
الْمَلٰۗىِٕكَةِ اِنَاثًا ۭ اِنَّكُمْ لَتَقُوْلُوْنَ قَوْلًا عَظِيْمًا ۝۴۰ ۧ

(٤٠) ائين ٿي سگهي ٿو ڇا تہ، توهان جو پروردگار اوهان کي تہ هن بزرگيءَ لاءِ چونڊي ڪڍي جو پٽن وارا ٿيو ۽ پنهنجي لاءِ هي پسند ڪري تہ فرشتن کي پنهنجون ڌيئر بنائي. ڪهڙي نہ وڏي (بڇڙي) ڳالهہ آهي جا توهان چئي رهيا آهيو.

رکوع 5

**وحدانيت، ڪافرن جي دلين تي پردو چڙهي وڃڻ. آخرت جو دليل**

وَلَقَدْ صَرَّفْنَا فِيْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ لِيَذَّكَّرُوْا ۭ وَمَا
يَزِيْدُهُمْ اِلَّا نُفُوْرًا ۝۴۱

(٤١) ۽ اسان قرآن ۾ هر طريقي سان ڳالهيون سمجهايون آهن، انهيءَ لاءِ تہ هي ماڻهو نصيحت وٺن پر (هنن تي ڪو بہ اثر ڪونہ پيو آهي، اٿلندو) هنن جي نفرت اڳين کان بہ وڌيڪ ٿي ويئي آهي.

قُلْ لَّوْ كَانَ مَعَهٗۤ اٰلِهَةٌ كَمَا يَقُوْلُوْنَ اِذًا
لَّابْتَغَوْا اِلٰى ذِى الْعَرْشِ سَبِيْلًا ﴿٤٢﴾

(٤٢) (اي پيغمبر!) تون چئو تہ جيڪڏهن الله سان گڏ ٻيا بہ معبود هجن ها جيئن هي ماڻهو چون ٿا تہ پوءِ ضرور هيئن ٿئي ها جو اهي هڪدم عرش جي مالڪ خدا تائين (مقابلي ڪرڻ جي) راهہ ڳولي ڪين ها (۽ ڪائنات ۾ فساد ۽ بگاڙو پئجي وڃي ها).

سُبْحٰنَهٗ وَتَعٰلٰى عَمَّا يَقُوْلُوْنَ عُلُوًّا كَبِيْرًا ﴿٤٣﴾

(٤٣) انهن سڀني ڳالهين کان، جيڪي اهي ماڻهو چون ٿا خدا جي ذات پاڪ ۽ بلند آهي. بيحد بلند آهي.

تُسَبِّحُ لَهُ السَّمٰوٰتُ السَّبْعُ وَالْاَرْضُ وَمَنْ
فِيْهِنَّ ؕ وَاِنْ مِّنْ شَىْءٍ اِلَّا يُسَبِّحُ بِحَمْدِهٖ وَ
لٰـكِنْ لَّا تَفْقَهُوْنَ تَسْبِيْحَهُمْ ؕ اِنَّهٗ كَانَ
حَلِيْمًا غَفُوْرًا ﴿٤٤﴾

(٤٤) ست ئي آسمان ۽ زمين ۽ جيڪو بہ انهن ۾ آهي سڀ سندس پاڪائي ۽ شان ڳائي رهيا آهن. ڪابہ شيءِ ڪانهي جا سندس حمد ۽ ثنا نہ ڪري رهي هجي. پر توهان هنن جون ثنا گويون سمجهي نٿا سگهو. بيشڪ هو وڏو بردبار ۽ وڏو بخشيندڙ آهي.

وَاِذَا قَرَاْتَ الْقُرْاٰنَ جَعَلْنَا بَيْنَكَ وَبَيْنَ
الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ حِجَابًا مَّسْتُوْرًا ۙ ﴿٤٥﴾

(٤٥) (اي پيغمبر!) جڏهن تون قرآن تو پڙهين تڏهن تنهنجي ۽ انهن ماڻهن جي وچ ۾ جيڪي آخرت ۾ يقين نٿا رکن اسان هڪ لڪل پردو وجهي ٿا ڇڏيون (يعني خدا جو اهو قانون آهي تہ اهڙن ماڻهن ۽ حق جي صدا جي وچ ۾ هڪ اهڙو پردو اچي وڃي).

وَّجَعَلْنَا عَلٰى قُلُوْبِهِمْ اَكِنَّةً اَنْ يَّفْقَهُوْهُ وَفِىْۤ
اٰذَانِهِمْ وَقْرًا ؕ وَاِذَا ذَكَرْتَ رَبَّكَ فِى
الْقُرْاٰنِ وَحْدَهٗ وَلَّوْا عَلٰۤى اَدْبَارِهِمْ نُفُوْرًا ﴿٤٦﴾

(٤٦) ۽ اسان هنن جي دلين تي پردا وجهي ڇڏيا آهن، جنهن ڪري هو ان کي (يعني قرآن کي يا حق کي) سمجهڻ جي قابليت وڃائي ويٺا آهن، ۽ سندن ڪنن ۾ ٻوڙاڻ پيدا ڪري ڇڏي آهي، (جنهن ڪري ڪجهہ بہ ٻڌي نٿا سگهن) ۽ جڏهن توهان قرآن ۾ اڪيلي هڪ خدا جو ذڪر (۽ بيان) ٿو ڪرين (۽ هي ماڻهو پنهنجي ٺهرايل شريڪن جو بيان ان ۾ ڪونہ ٿا ڏسن) تڏهن هو پٺي ڏيئي نفرت ۾ پرڀرو ڀڄڻ لڳن ٿا.

نَحْنُ اَعْلَمُ بِمَا يَسْتَمِعُوْنَ بِهٖۤ اِذْ يَسْتَمِعُوْنَ
اِلَيْكَ وَاِذْ هُمْ نَجْوٰۤى اِذْ يَقُوْلُ
الظّٰلِمُوْنَ اِنْ تَتَّبِعُوْنَ اِلَّا رَجُلًا مَّسْحُوْرًا ﴿٤٧﴾

(٤٧) اسان چڱيءَ طرح ڄاڻون ٿا تہ ڪيئن ۽ ڇو اهي ماڻهو ٻڌن ٿا، جڏهن تنهنجي طرف ڪن لڳائين ٿا ۽ پڻ (چڱيءَ طرح ڄاڻون ٿا) جيڪي هو هڪ ٻئي کي ڪنن ۾ مخفيءَ طرح چون ٿا. هو ظالم چون ٿا تہ جنهن ماڻهو (يعني پيغمبرﷺ) جي پٺيان لڳا آهيو، سو سواءِ هن جي ٻيو ڇا آهي تہ متس ڪو جادو ڪيل آهي.

اُنْظُرْ كَيْفَ ضَرَبُوْا لَكَ الْاَمْثَالَ فَضَلُّوْا فَلَا
يَسْتَطِيْعُوْنَ سَبِيْلًا ﴿٤٨﴾

(٤٨) (اي پيغمبر!) ڏس تہ هنن ماڻهن تنهنجي باري ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون ٺاهيون آهن، جن جي ڪري گمراهيءَ ۾ پئجي ويا آهن، تنهن ڪري هو هاڻي سنئين واٽ لهي نٿا سگهن.

وَقَالُوْۤا ءَاِذَا كُنَّا عِظَامًا وَّرُفَاتًا ءَاِنَّا

(٤٩) ۽ (ڏس) هو چون ٿا تہ جڏهن اسان (مرڻ بعد) فقط هڏيون وڃي

لَمَبْعُوْثُوْنَ خَلْقًا جَدِيْدًا ﴿٤٩﴾

رهنداسين ۽ ڀُري سڙي ويندا‎سين تڏهن وري ائين ڪيئن ٿي سگهندو جو نئين سر (جيئرا ڪري) اٿاريا ويندا‎سين.

قُلْ كُوْنُوْا حِجَارَةً اَوْ حَدِيْدًا ﴿٥٠﴾

(٥٠) تون ڪين چئه ته، هائو! توهان (مرڻ بعد ڪجھ به ٿي وڃو) پٿر ٿي وڃو، لوهه ٿي وڃو.

اَوْ خَلْقًا مِّمَّا يَكْبُرُ فِيْ صُدُوْرِكُمْ ۚ فَسَيَقُوْلُوْنَ مَنْ يُّعِيْدُنَا ۭ قُلِ الَّذِيْ فَطَرَكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ ۚ فَسَيُنْغِضُوْنَ اِلَيْكَ رُءُوْسَهُمْ وَ يَقُوْلُوْنَ مَتٰى هُوَ ۭ قُلْ عَسٰٓى اَنْ يَّكُوْنَ قَرِيْبًا ﴿٥١﴾

(٥١) يا ڪا ٻي شيءِ ٿي وڃو جا توهان جي خيال ۾ (ٻيهر زنده ٿيڻ لاءِ) تمام سخت هجي، (ته به الله جي قدرت اوهان کي ٻيهر زنده ڪندي) هي ٻڌي هو چوندا ته ڪير آهي جو اهڙيءَ طرح اسان کي ٻيهر جيئاري چڙهيندو. تون ڪين چئو ته اهو ئي (الله) جنهن اوهان کي پهريائين پيدا ڪيو (سوئي اوهان کي ٻيهر جيئاري اٿاريندو) تنهن تي اهي ماڻهو تنهنجي اڳيان ڪنڌ ڌوڻيندا ۽ چوندا ته، ائين ڪڏهن ٿيندو؟ تون چئو ته، عجب ناهي ته ان جو وقت ويجهو هجي.

يَوْمَ يَدْعُوْكُمْ فَتَسْتَجِيْبُوْنَ بِحَمْدِهٖ وَ تَظُنُّوْنَ اِنْ لَّبِثْتُمْ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿٥٢﴾

(٥٢) انهيءَ ڏينهن الله تعاليٰ اوهان کي سڏيندو ۽ اوهان سندس حمد ڪندي سندس سڏ جو جواب ڏيندؤ، ۽ اوهان پائينداؤ ته، (ٻنهي زندگين جي وچ ۾) توهان جيڪو وقت گذاريو (سو گهٽو ڪين هو) ٿورڙو هو.

رڪوع 6

**هڪ ٻئي سان سهڻا ۽ وٽندڙ لفظ ڳالهايو نه ته جهيڙا ۽ فساد ٿين ٿا.**

وَقُلْ لِّعِبَادِيْ يَقُوْلُوا الَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ ۭ اِنَّ الشَّيْطٰنَ يَنْزَغُ بَيْنَهُمْ ۭ اِنَّ الشَّيْطٰنَ كَانَ لِلْاِنْسَانِ عَدُوًّا مُّبِيْنًا ﴿٥٣﴾

(٥٣) ۽ (اي پيغمبر!) منهنجي ٻانهن کي چئي ڇڏ (يعني انهن کي جن ايمان آندو آهي ته مخالفن سان گفتگو ڪندي) جيڪا ڳالهه چئو سا اهڙي چئو جا سهڻي ۽ وٽندڙ هجي (نه نفرت يا دشمني پيدا ڪندڙ). شيطان ماڻهن جي وچ ۾ فساد وجهي ٿو (جيڪڏهن هو گاريون يا اڻ وٽندڙ لفظ ڪم آڻين ٿا) يقيناً شيطان انسان جو چٽوپٽو دشمن آهي.

رَبُّكُمْ اَعْلَمُ بِكُمْ ۭ اِنْ يَّشَاْ يَرْحَمْكُمْ اَوْ اِنْ يَّشَاْ يُعَذِّبْكُمْ ۭ وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ عَلَيْهِمْ وَكِيْلًا ﴿٥٤﴾

(٥٤) توهان جو پروردگار ئي توهان جو حال چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو. هو چاهي ته اوهان تي رحم ڪري ۽ چاهي ته عذاب ۾ وجهي ۽ (اي پيغمبر!) اسان توکي هنن ماڻهن جو نگهبان ڪري ڪونه موڪليو آهي. (تون سندن هدايت نه وٺڻ لاءِ جوابدار ڪونه آهي.).

وَ رَبُّكَ اَعْلَمُ بِمَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ وَ لَقَدْ فَضَّلْنَا بَعْضَ النَّبِيّٖنَ عَلٰى بَعْضٍ وَّ اٰتَيْنَا دَاوٗدَ زَبُوْرًا ﴿٥٥﴾

(٥٥) ۽ آسمان ۽ زمين ۾ جيڪو به آهي تنهن جو حال تنهنجو پروردگار بهتر ڄاڻي ٿو. اسان ڪن نبين کي ڪن ٻين کان برتر ڪيو ۽ اسان حضرت دائود کي (ڪتاب) زبور عطا ڪيو.

قُلِ ادْعُوا الَّذِيْنَ زَعَمْتُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ فَلَا

(٥٦) (اي پيغمبر!) هنن ماڻهن کي چئي ڏي ته توهان پنهنجي خيال موجب الله کان سواءِ جن هستين کي معبود سمجهيو آهي، تن کي (پنهنجي

يَمْلِكُوْنَ كَشْفَ الضُّرِّ عَنْكُمْ وَلَا تَحْوِيْلًا ﴿٥٦﴾

حاجتن لاءِ ۽ مشڪلن لاهڻ لاءِ) پڪاري ڏسو، هو ان جي طاقت نٿا رکن جو توهان جو ڪوبہ درد دور ڪن يا توهان جي حالت بدلائي سگهن.

اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ يَبْتَغُوْنَ اِلٰى رَبِّهِمُ الْوَسِيْلَةَ اَيُّهُمْ اَقْرَبُ وَيَرْجُوْنَ رَحْمَتَهٗ وَيَخَافُوْنَ عَذَابَهٗ ؕ اِنَّ عَذَابَ رَبِّكَ كَانَ مَحْذُوْرًا ﴿٥٧﴾

(٥٧) اهي ماڻهو جن هستين کي پڪارين ٿا (الله کي ويجهو ٿيڻ جو وسيلو سمجهن ٿا) سي تہ پاڻ ئي پنهنجي پروردگار ڏانهن (ويجهو ٿيڻ لاءِ بندگي ۽ فرمانبرداريءَ جي ذريعي) وسيلو ڳوليندا رهن ٿا تہ ڪير اُنهيءَ راهہ ۾ وڌيڪ ويجهو ٿو ٿئي، پڻ سندن رحمت جي اميد رکن ٿا ۽ سندس عذاب کان ڊڄندا رهن ٿا. بيشڪ تنهنجي پروردگار جو عذاب اهڙو تہ سخت آهي جو ان کان ڊڄڻ ئي گهرجي.

وَاِنْ مِّنْ قَرْيَةٍ اِلَّا نَحْنُ مُهْلِكُوْهَا قَبْلَ يَوْمِ الْقِيٰمَةِ اَوْ مُعَذِّبُوْهَا عَذَابًا شَدِيْدًا ؕ كَانَ ذٰلِكَ فِى الْكِتٰبِ مَسْطُوْرًا ﴿٥٨﴾

(٥٨) ۽ قيامت جي ڏينهن کان اڳي ضرور هيئن ٿيندو جو (نافرمانن جي) بستين کي اسان تباهہ ڪري ڇڏينداسين. يا ڪين سخت عذاب ۾ وجهنداسين. اها ڳالهہ (الله جي قانوني) ڪتاب ۾ لکي ويئي آهي.

وَمَا مَنَعَنَاۤ اَنْ نُّرْسِلَ بِالْاٰيٰتِ اِلَّاۤ اَنْ كَذَّبَ بِهَا الْاَوَّلُوْنَ ؕ وَاٰتَيْنَا ثَمُوْدَ النَّاقَةَ مُبْصِرَةً فَظَلَمُوْا بِهَا ؕ وَمَا نُرْسِلُ بِالْاٰيٰتِ اِلَّا تَخْوِيْفًا ﴿٥٩﴾

(٥٩) ۽ (جيڪي نشانيون هي مڪي جا منڪر گهرن ٿا تن) نشانين جي موڪلڻ کان اسان کي ڪير ٿو روڪي سگهي، سواءِ هن ڳالهہ جي تہ اسان ڄاڻون ٿا تہ اڳين زمانن جا ماڻهو اهڙيون نشانيون ڪوڙيون ٺهرائي رد ڪري چڪا آهن. اسان ثمود جي قوم کي هڪ ڏاچي ڏني، جا هڪ چٽي نشاني هئي. پر هنن ان ڏاچيءَ تي ظلم ڪيو (۽ انهيءَ نشانيءَ مان عبرت نہ ورتائون) ۽ اسان نشانيون تہ فقط هن لاءِ موڪيندا آهيون تہ ماڻهو (انڪار ۽ سرڪشيءَ جي نتيجن کان) ڊڄن (۽ سنئين واٽ وٺن).

وَاِذْ قُلْنَا لَكَ اِنَّ رَبَّكَ اَحَاطَ بِالنَّاسِ ؕ وَمَا جَعَلْنَا الرُّءْيَا الَّتِىْۤ اَرَيْنٰكَ اِلَّا فِتْنَةً لِّلنَّاسِ وَالشَّجَرَةَ الْمَلْعُوْنَةَ فِى الْقُرْاٰنِ ؕ وَنُخَوِّفُهُمْ ۙ فَمَا يَزِيْدُهُمْ اِلَّا طُغْيَانًا كَبِيْرًا ﴿٦٠﴾

(٦٠) ۽ (اي پيغمبر اهو وقت ياد ڪر) جڏهن تنهنجي پروردگار توکي چيو هو تہ، يقين ڪر تہ تنهنجي پروردگار ماڻهن کي گهيري هيٺ آڻي ڇڏيو آهي، (يعني هاڻي اهي منڪر عذاب کان بچي ڪونہ سگهندا) ۽ اهو رؤيا (يعني خواب يا روحاني ديدار) جو اسان توکي ڏيکاريو سو هن لاءِ تہ ماڻهن جي لاءِ هڪ آزمائش ٿئي. ساڳيءَ طرح انهيءَ وڻ (زقوم يا ٿوهر) جو بيان جنهن تي قرآن ۾ لعنت ڪئي ويئي آهي. (سو بہ آزمائش آهي) اسان انهن ماڻهن کي (طرحين طرحين نمونن سان) ڊيڄاريون ۽ خبردار ڪيون ٿا. پر هنن تي ڪوبہ اثر ڪونہ ٿو پوي. اثر پوي ٿو تہ فقط هي جو هو پنهنجي سرڪشين ۾ اڃا بہ وڌيڪ وڌندا ٿا وڃن.

رڪوع 7

**ابليس جو تڪبر ۽ نافرماني. خدا جا ٻانها سندس ڦندي ۾ نہ ايندا.**

وَاِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْۤا اِلَّاۤ اِبْلِيْسَ ؕ قَالَ ءَاَسْجُدُ لِمَنْ خَلَقْتَ طِيْنًا ﴿٦١﴾

(٦١) ۽ ياد رکو تہ اسان فرشتن کي حڪم ڏنو هو تہ آدم جي اڳيان جهڪي پئو. تنهن تي سڀ جهڪي پيا، پر هڪ ابليس نہ جهڪيو. هن چيو تہ، ڇا مان اهڙيءَ هستيءَ جي اڳيان جهڪي پوان جنهن کي تو مٽيءَ مان ٺاهيو آهي؟

قَالَ اَرَءَيْتَكَ هٰذَا الَّذِيْ كَرَّمْتَ عَلَيَّ ز لَئِنْ
اَخَّرْتَنِ اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ لَاَحْتَنِكَنَّ ذُرِّيَّتَهٗٓ
اِلَّا قَلِيْلًا ﴿٦٢﴾

(٦٢) (ابليس هيئن به) چيو ته، ڇا تنهنجو اهوئي فيصلو آهي ته، تو هن (حقير) هستي (يعني آدم ۽ بني آدم) کي مون کان وڌيڪ شان ڏنو آهي. جيستائين تون مون کي قيامت جي ڏينهن تائين مهلت ڏئين ته مان ضرور سندس نسل (يعني بني آدم) جي پاڙ ۽ بنياد به پٽي ڇڏيندس، سواءِ ڪن ٿورڙن ماڻهن جي (جيڪو به انهيءَ تباهيءَ کان ڪونه بچندو).

قَالَ اذْهَبْ فَمَنْ تَبِعَكَ مِنْهُمْ فَاِنَّ جَهَنَّمَ
جَزَآؤُكُمْ جَزَآءً مَّوْفُوْرًا ﴿٦٣﴾

(٦٣) الله تعاليٰ (ابليس کي انهيءَ تي) حڪم ڏنو ته وڃ، وٺ پنهنجي راهه. انهن ماڻن مان جيڪو به تنهنجي پنيان لڳندو (يعني تابعداري ڪندو) تنهن جي لاءِ ۽ تنهنجي لاءِ جهنم جي سزا هوندي جا بلڪل ڪافي سخت سزا آهي.

وَاسْتَفْزِزْ مَنِ اسْتَطَعْتَ مِنْهُمْ بِصَوْتِكَ وَ
اَجْلِبْ عَلَيْهِمْ بِخَيْلِكَ وَرَجِلِكَ وَشَارِكْهُمْ فِي
الْاَمْوَالِ وَالْاَوْلَادِ وَعِدْهُمْ ط وَمَا يَعِدُهُمُ
الشَّيْطٰنُ اِلَّا غُرُوْرًا ﴿٦٤﴾

(٦٤) انهن ماڻهن مان جنهن کي به تون پنهنجا ٺڳيندڙ آواز (۽ الفاظ) ٻڌائي گمراهه ڪري سگهين تنهن کي گمراهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪري وٺ، پنهنجي لشڪر جي سوارن ۽ پيادن سان حملو ڪر، سندن مال ۽ اولاد ۾ شريڪ ٿي وڃ، هنن سان (هر قسم جي ڳالهين جا) واعدا ڪر، پر شيطان جا واعدا ته رڳو ٺڳيون ۽ فريب آهن.

اِنَّ عِبَادِيْ لَيْسَ لَكَ عَلَيْهِمْ سُلْطٰنٌ ط وَ
كَفٰى بِرَبِّكَ وَكِيْلًا ﴿٦٥﴾

(٦٥) جيڪي منهنجا (سچا) ٻانها آهن، تن تي تنهنجو حڪم يا اختيار ڪونه هلندو. تنهنجو پروردگار ڪارسازيءَ لاءِ بلڪل ڪافي آهي.

رَبُّكُمُ الَّذِيْ يُزْجِيْ لَكُمُ الْفُلْكَ فِي الْبَحْرِ
لِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ ط اِنَّهٗ كَانَ بِكُمْ رَحِيْمًا ﴿٦٦﴾

(٦٦) (اي انسانو) توهان جو پروردگار اهوئي آهي، جو توهان جي ڪمن ڪارين لاءِ سمنڊ ۾ جهاز هلائي ٿو، انهيءَ لاءِ ته توهان (سير ۽ سفر ڪري) سندس فضل (گذران جو سامان ۽ طرح طرح جون نعمتون) تلاش ڪيو. بيشڪ هو اوهان تي وڏيون رحمتون ڪندڙ آهي.

وَاِذَا مَسَّكُمُ الضُّرُّ فِي الْبَحْرِ ضَلَّ مَنْ
تَدْعُوْنَ اِلَّآ اِيَّاهُ ج فَلَمَّا نَجّٰىكُمْ اِلَى الْبَرِّ
اَعْرَضْتُمْ ط وَكَانَ الْاِنْسَانُ كَفُوْرًا ﴿٦٧﴾

(٦٧) ۽ جڏهن توهان سمنڊ ۾ هوندا آهيو ۽ (ڪنهن) مصيبت ۾ ڦاسندا آهيو تڏهن اهي سڀ هستيون جن کي توهان (خدا ڪانسواءِ) سڏيندا آهيو سي توهان کي ڇڏي ڀڄي وينديون آهن، (يعني ان وقت توهان انهن کي وساري ڇڏيندا آهيو) فقط هڪ الله ياد ايندو اٿو. پوءِ جڏهن هو اوهان کي مصيبت مان ڇڏائي ٿو ۽ خشڪيءَ تي پهچائي ٿو تڏهن وري توهان ڪانئس منهن موڙي ٿا ڇڏيو. حقيقت هيءَ آهي ته انسان وڏو بي شڪر آهي.

اَفَاَمِنْتُمْ اَنْ يَّخْسِفَ بِكُمْ جَانِبَ الْبَرِّ اَوْ
يُرْسِلَ عَلَيْكُمْ حَاصِبًا ثُمَّ لَا تَجِدُوْا لَكُمْ
وَكِيْلًا ﴿٦٨﴾

(٦٨) پوءِ ڇا توهان کي هن ڳالهه کان امن امان مليل ويو آهي، ڇا ته هو اوهان کي خشڪي ئي جي ڪنهن ڪنڌ ۾ پوري لٽي ڇڏي (جيئن صحرا ۾ ٿيندو آهي يا ڌرتيءَ جي ڌٻڻ وقت ٿيندو آهي) يا توهان تي پٿرن وسائڻ واريون آنڌيون آٿي ۽ توهان ان حال ۾ ڪو به پنهنجو مددگار ڪونه ڏسو يا لهو.

اَمْ اَمِنْتُمْ اَنْ يُّعِيْدَكُمْ فِيْهِ تَارَةً اُخْرٰى
فَيُرْسِلَ عَلَيْكُمْ قَاصِفًا مِّنَ الرِّيْحِ فَيُغْرِقَكُمْ
بِمَا كَفَرْتُمْ ۙ ثُمَّ لَا تَجِدُوْا لَكُمْ عَلَيْنَا بِهٖ
تَبِيْعًا ﴿٦٩﴾

(٦٩) يا توهان هن ڳالهه جو بہ خوف نٿا رکو ڇا؟ تہ الله اوهان کي ٻيهر اهڙي ئي مصيبت ۾ وجهي ۽ (اوهان جي ٻي سامونڊي مسافريءَ ۾) هوا جو هڪ سخت طوفان موڪلي ۽ اوهان جي ناشڪري جي بدلي ۾ اوهان کي غرق ڪري ڇڏي ۽ پوءِ ڪوبہ (مددگار) نہ لهو، جيڪو ان متعلق اسان تي دعويٰ ڪري.

وَلَقَدْ كَرَّمْنَا بَنِيْٓ اٰدَمَ وَحَمَلْنٰهُمْ فِي الْبَرِّ وَ
الْبَحْرِ وَرَزَقْنٰهُمْ مِّنَ الطَّيِّبٰتِ وَفَضَّلْنٰهُمْ
عَلٰى كَثِيْرٍ مِّمَّنْ خَلَقْنَا تَفْضِيْلًا ﴿٧٠﴾

(٧٠) ۽ هي حقيقت آهي تہ اسان بني آدم کي بزرگي ڏني. ۽ بر ۽ بحر ٻنهي جون قوتون ڪيس تابع ڪري ڏنيون تہ هن کي ڪٽي هيڏي هوڏي وڃن، ۽ اسان چڱيون ۽ پاڪ شيون سندس روزيءَ لاءِ مهيا ڪيون، ۽ پڻ مخلوقات مان گهڻن تي ڪيس برتري ڏني. پوري ۽ وڏي برتري ڏني جهڙي هئڻ گهرجي.

## رڪوع 8

## قيامت جي ڏينهن هرڪو پنهنجو اعمالنامو پڙهندو.

يَوْمَ نَدْعُوْا كُلَّ اُنَاسٍ بِاِمَامِهِمْ ۚ فَمَنْ
اُوْتِيَ كِتٰبَهٗ بِيَمِيْنِهٖ فَاُولٰٓئِكَ يَقْرَءُوْنَ
كِتٰبَهُمْ وَلَا يُظْلَمُوْنَ فَتِيْلًا ﴿٧١﴾

(٧١) انهيءَ (قيامت جي) ڏينهن جڏهن اسان سڀني انسانن کي سندس پيشوائن سميت سڏيندا سين (۽ پاڻ وٽ گڏ ڪنداسين) تڏهن جنهن کي پنهنجو ڪتاب (اعمال نامون) پنهنجي (سڄي هٿ ۾ ملندو سو انهن ماڻهن مان هوندو جيڪي پنهنجو اعمال نامون (خوش ٿي) پڙهندا ۽ انهن سان سرنهن جي داڻي جيتري بہ بي انصافي ڪانہ ڪئي ويندي.

وَمَنْ كَانَ فِيْ هٰذِهٖٓ اَعْمٰى فَهُوَ فِي الْاٰخِرَةِ
اَعْمٰى وَاَضَلُّ سَبِيْلًا ﴿٧٢﴾

(٧٢) ۽ جيڪو هن دنيا ۾ انڌو ٿي رهيو (۽ الله جي ڏنل هوش ۽ حواسن کان ڪم نہ ورتائين) تنهن بابت يقين ڪيو تہ هو آخرت ۾ بہ انڌو ئي رهندو ۽ (سنئين) رستي کان پري گمراهہ هوندو.

وَاِنْ كَادُوْا لَيَفْتِنُوْنَكَ عَنِ الَّذِيْٓ اَوْحَيْنَآ
اِلَيْكَ لِتَفْتَرِيَ عَلَيْنَا غَيْرَهٗ ۖ وَاِذًا
لَّاتَّخَذُوْكَ خَلِيْلًا ﴿٧٣﴾

(٧٣) ۽ (اي پيغمبر!) هنن ماڻهن تہ پنهنجي وسان ڪين گهٽايو تہ توکي فريب (لالچون ۽ ڌمڪيون) ڏيئي انهيءَ ڪلام (جي پهچائڻ) کان باز رکن جيڪو اسان وحي طور توتي نازل ڪيو آهي. ۽ سندن مقصد هي هو تہ انهيءَ ڪلام جي بدران ٻيون ڳالهيون ٺاهي اسان تي ڪوڙا ٺاهہ ٺاهين، ۽ پوءِ هو خوش ٿي توکي پنهنجو دوست بنائين.

وَلَوْلَآ اَنْ ثَبَّتْنٰكَ لَقَدْ كِدْتَّ تَرْكَنُ
اِلَيْهِمْ شَيْـًٔا قَلِيْلًا ﴿٧٤﴾

(٧٤) ۽ جيڪڏهن (حق جي راهہ تي) اسان توکي مستقيم ۽ محڪم نہ رکون ها تہ تون ضرور انهن جي طرف ڪجهہ نہ ڪجهہ لاڙو ڪري ويهين ها.

اِذًا لَّاَذَقْنٰكَ ضِعْفَ الْحَيٰوةِ وَضِعْفَ
الْمَمَاتِ ثُمَّ لَا تَجِدُ لَكَ عَلَيْنَا نَصِيْرًا ﴿٧٥﴾

(٧٥) پوءِ ان صورت ۾ ضرور توکي زندگيءَ جو بہ ٻيڻو عذاب چکايون ها ۽ موت جو بہ ٻيڻو عذاب چکايون ها. ۽ وري توکي اسان جي مقابلي ۾ ڪو مددگار بہ ڪونہ ملي ها.

وَاِنْ كَادُوْا لَيَسْتَفِزُّوْنَكَ مِنَ الْاَرْضِ لِيُخْرِجُوْكَ مِنْهَا وَاِذًا لَّا يَلْبَثُوْنَ خِلٰفَكَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿۷۶﴾

(٧٦) ۽ هنن هن ڳالھ ۾ بہ پنهنجي وسان ڪين گھٽايو هو تہ توکي هن ملڪ مان عاجز ڪري ڪڍي ڇڏين، ۽ جيڪڏهن ائين ڪري ويهن ها تہ (ياد رک تہ تنهنجي نڪري وڃڻ ڪان) پوءِ مهلت ڪانہ ملين ها پر تمام ٿوري.

سُنَّةَ مَنْ قَدْ اَرْسَلْنَا قَبْلَكَ مِنْ رُّسُلِنَا وَلَا تَجِدُ لِسُنَّتِنَا تَحْوِيْلًا ﴿۷۷﴾ ع

(٧٧) اسان توکان اڳي جيڪي بہ پيغمبر موڪليا آهن، تن سيني جي معاملي ۾ اسان جو قانون اهڙوئي رهيو آهي، ۽ اسان جي ٺهرايل قانونن ۾ ڪابہ ڦيرڦار نہ ڏسندين (يعني خدائي قانون ضرور عمل ۾ ايندو ۽ عملن جو نتيجو ضرور ظاهر ٿيندو.)

رڪوع 9

**نماز جا وقت. تهجد واري نماز. قرآن روحاني بيمارين لاءِ شفا ۽ رحمت آهي.**

اَقِمِ الصَّلٰوةَ لِدُلُوْكِ الشَّمْسِ اِلٰى غَسَقِ الَّيْلِ وَقُرْاٰنَ الْفَجْرِ ؕ اِنَّ قُرْاٰنَ الْفَجْرِ كَانَ مَشْهُوْدًا ﴿۷۸﴾

(٧٨) (اي پيغمبر!) نماز قائم ڪر. سج لڙڻ ڪان وٺي رات جي اونداهيءَ تائين (يعني ظهر، عصر، مغرب ۽ عشا جي وقتن ۾) پڻ صبح جو قرآن پڙهڻ (خاص طرح) ڏنو وڃي ٿو. (يعني الله تعاليٰ خاص طرح صبح جي نماز ڏسي ٿو ۽ ان جو فائدو وڏيڪ ملي ٿو.)

وَمِنَ الَّيْلِ فَتَهَجَّدْ بِهٖ نَافِلَةً لَّكَ ۖ عَسٰٓى اَنْ يَّبْعَثَكَ رَبُّكَ مَقَامًا مَّحْمُوْدًا ﴿۷۹﴾

(٧٩) ۽ (اي پيغمبر!) رات جو ڪجھ حصو (يعني پويون پهر) سجاڳيءَ ۾ گذار. اهو تنهنجي لاءِ زياده عمل آهي. ممڪن آهي تہ جلد الله توکي اهڙي درجي تي پهچائي ڇڏيندو جو نهايت ساراهيل ۽ پسند پيل درجو هوندو.

وَقُلْ رَّبِّ اَدْخِلْنِيْ مُدْخَلَ صِدْقٍ وَّاَخْرِجْنِيْ مُخْرَجَ صِدْقٍ وَّاجْعَلْ لِّيْ مِنْ لَّدُنْكَ سُلْطٰنًا نَّصِيْرًا ﴿۸۰﴾

(٨٠) ۽ تنهنجي دعا هيءَ هئڻ گھرجي تہ اي پروردگار مون کي جتي پهچائين اتي سچائيءَ سان پهچاءِ. ۽ جتان ڪڍين اتان سچائيءَ سان ڪڍ، ۽ مون کي پنهنجي حضور مان قوت عطا ڪر، اهڙي قوت (عطا ڪر) جا (هر حال ۾) مددگاري ڪرڻ واري هجي.

وَقُلْ جَآءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ ؕ اِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوْقًا ﴿۸۱﴾

(٨١) ۽ تنهنجو اعلان هي هجي تہ ڏسو حق ظاهر ٿي پيو ۽ باطل (ڪوڙ) نابود ٿي ويو ۽ باطل ضرور نابود ٿيڻو ئي آهي.

وَنُنَزِّلُ مِنَ الْقُرْاٰنِ مَا هُوَ شِفَآءٌ وَّرَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ ۙ وَلَا يَزِيْدُ الظّٰلِمِيْنَ اِلَّا خَسَارًا ﴿۸۲﴾

(٨٢) ۽ اسان جيڪي قرآن ۾ نازل ڪيو آهي سو ايمان وارن لاءِ (روح جي سيني بيمارين جي) شفا ۽ رحمت آهي. ۽ جيڪي نافرمان آهن تن کي ان مان ڪجھ بہ فائدو ملڻو ناهي، سواءِ هن جي تہ (انڪار ۽ سرڪشيءَ سببان) اجان بہ وڌيڪ تباھ ٿين.

وَاِذَآ اَنْعَمْنَا عَلَى الْاِنْسَانِ اَعْرَضَ وَنَاٰ بِجَانِبِهٖ ۚ وَاِذَا مَسَّهُ الشَّرُّ كَانَ يَئُوْسًا ﴿۸۳﴾

(٨٣) ۽ جڏهن اسان انسان تي نعمتون ڪيون ٿا، تڏهن اسان ڪان (نعمتن جي نشي ۾) منهن موڙي ڇڏين ٿا ۽ (شيطان جي طرف) هٽي وڃن ٿا ۽ جڏهن ڪين ڪو ڏک يا مصيبت پهچي ٿي تہ ڏسو تہ بلڪل مايوس ٿي ويهي رهن ٿا (ڪاميابيءَ جي حالت ۾ غفلت ۽ غرور، ۽ تنگيءَ جي حالت ۾ مايوسي تباھ ڪندڙ آهي.)

قُلْ كُلٌّ يَّعْمَلُ عَلٰى شَاكِلَتِهٖ ؕ فَرَبُّكُمْ اَعْلَمُ بِمَنْ هُوَ اَهْدٰى سَبِيْلًا ﴿٨٤﴾

(٨٤) (اي پيغمبر) تون چئي ڏي تہ هر انسان پنهنجي پنهنجي طريقي تي (پنهنجي پنهنجي خيالن ۽ خواهشن موجب) عمل ٿو ڪري. پوءِ تنهنجو پروردگار ئي بهتر ڄاڻي ٿو تہ ڪير سيني ڪان وڌيڪ سڌي راهہ تي آهي.

رڪوع 10

**روح يا وحي. منڪرن ڪي چئلينج تہ قرآن جهڙو ڪتاب نا هي ڏيڪارين**

وَيَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الرُّوْحِ ؕ قُلِ الرُّوْحُ مِنْ اَمْرِ رَبِّيْ وَمَاۤ اُوْتِيْتُمْ مِّنَ الْعِلْمِ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿٨٥﴾

(٨٥) ۽ (اي پيغمبر!) هي ماڻهو توکان روح بابت پڇن ٿا، تون کين چئہ تہ روح منهنجي پروردگار جي حڪم سان آهي (اصل ان جو حڪم ڪم ڪري رهيو آهي.) ۽ اوهان ڪي (ڪائنات جي اسرارن جو) جيڪو علم ڏنو ويو آهي، سو تمام ٿورڙو آهي. (ان ڪان وڌيڪ توهان حاصل ڪري نٿا سگهو.)

وَلَئِنْ شِئْنَا لَنَذْهَبَنَّ بِالَّذِيْۤ اَوْحَيْنَاۤ اِلَيْكَ ثُمَّ لَا تَجِدُ لَكَ بِهٖ عَلَيْنَا وَكِيْلًا ﴿٨٦﴾

(٨٦) ۽ (اي پيغمبر!) جيڪو وحي توڏي موڪليو ويو آهي، سو جيڪڏهن اسان چاهيون تہ اهو بہ توکان ڪسي وٺون. پوءِ توکي ڪوبہ ڪونہ ملندو، جو ان لاءِ اسان جي خلاف وڪالت ڪري.

اِلَّا رَحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ ؕ اِنَّ فَضْلَهٗ كَانَ عَلَيْكَ كَبِيْرًا ﴿٨٧﴾

(٨٧) پر هيءَ فقط تنهنجي پروردگار جي رحمت آهي (جو هو ائين نٿو ڪري جو وحي وري ڪسي وٺي) بيشڪ هن جو توتي وڏو ئي فضل آهي.

قُلْ لَّئِنِ اجْتَمَعَتِ الْاِنْسُ وَالْجِنُّ عَلٰۤى اَنْ يَّاْتُوْا بِمِثْلِ هٰذَا الْقُرْاٰنِ لَا يَاْتُوْنَ بِمِثْلِهٖ وَلَوْ كَانَ بَعْضُهُمْ لِبَعْضٍ ظَهِيْرًا ﴿٨٨﴾

(٨٨) (اي پيغمبر!) هن ڳالهہ جو اعلان ڪري ڇڏ تہ جيڪڏهن سڀ انسان ۽ جن گڏ ٿي چاهين تہ هن قرآن جهڙو ڪو ڪلام پيش ڪن تہ ڪڏهن بہ هو پيش ڪري نہ سگهندا، اگرچہ هنن مان هرهڪ ٻين جو مددگار ٿئي.

وَلَقَدْ صَرَّفْنَا لِلنَّاسِ فِيْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ مِنْ كُلِّ مَثَلٍ ۫ فَاَبٰۤى اَكْثَرُ النَّاسِ اِلَّا كُفُوْرًا ﴿٨٩﴾

(٨٩) ۽ اسان قرآن ۾ هر طرح جا مثال بار بار موٽائي بيان ڪيا آهن تہ ماڻهو سمجهن، پر انهن مان گهڻن ڪابہ ڳالهہ قبول نہ ڪئي. اٽلندو بي شڪري ڪيائون.

وَقَالُوْا لَنْ نُّؤْمِنَ لَكَ حَتّٰى تَفْجُرَ لَنَا مِنَ الْاَرْضِ يَنْۢبُوْعًا ﴿٩٠﴾

(٩٠) ۽ هنن چيو تہ، اسان تہ انهيءَ وقت تائين توکي نہ مڃينداسين، جيستائين تون اسان جي لاءِ زمين مان هڪڙو چشمو ڦاڙي ڪيين.

اَوْ تَكُوْنَ لَكَ جَنَّةٌ مِّنْ نَّخِيْلٍ وَّعِنَبٍ فَتُفَجِّرَ الْاَنْهٰرَ خِلٰلَهَا تَفْجِيْرًا ﴿٩١﴾

(٩١) يا توکي کجور ۽ انگورن جو باغ (معجزي سان پيدا ٿيل) ملي وڃي، ۽ تون انهنجي وچ ۾ گهڻيون ئي نهرون وهائي ڏيکارين.

اَوْ تُسْقِطَ السَّمَآءَ كَمَا زَعَمْتَ عَلَيْنَا كِسَفًا اَوْ تَاْتِيَ بِاللّٰهِ وَالْمَلٰٓئِكَةِ قَبِيْلًا ﴿٩٢﴾

(٩٢) يا جيئن تو خيال ڪيو آهي آسمان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري اسان تي ڪيرائين يا الله ۽ سندس فرشتا اسان جي سامهون آڻي ڏيکارين.

اَوْ يَكُوْنَ لَكَ بَيْتٌ مِّنْ زُخْرُفٍ اَوْ تَرْقٰى فِي السَّمَآءِ ؕ وَلَنْ نُّؤْمِنَ لِرُقِيِّكَ حَتّٰى تُنَزِّلَ

(٩٣) يا سونو محلات تنهنجي لاءِ مهيا ٿي وڃي يا تون مٿي چڙهي آسمان ۾ هليو وڃين، ۽ جيڪڏهن تون آسمان ۾ بہ هليو وڃين تہ بہ اسان اها ڳالهہ نہ

عَلَيْنَا كِتٰبًا نَّقْرَؤُهٗ ۭ قُلْ سُبْحَانَ رَبِّيْ هَلْ كُنْتُ اِلَّا بَشَرًا رَّسُوْلًا ﴿٩٣﴾

مجينداسين، جيستائين تون هڪ (لکيل) ڪتاب اسان ڏي نہ آڻيندين جو اسان پاڻ پڙهي معلوم ڪيون. (اي پيغمبر!) انهن ماڻهن کي چئہ تہ سبحان الله (مون کو خدائيءَ جي دعويٰ تہ ڪانہ ڪئي آهي) مان هن کان سواءِ ٻيو ڇا آهيان تہ هڪ انسان آهيان ۽ حق جو پيغام پهچائڻ وارو آهيان.

رکوع 11

**اڪثر ماڻهن پيغمبرن کي هن ڪري نہ مڃيو جو هنن کي عجب لڳو تہ هڪ انسان کي ڪيئن پيغمبر ڪيو ويندو.**

وَمَا مَنَعَ النَّاسَ اَنْ يُّؤْمِنُوْٓا اِذْ جَاۗءَهُمُ الْهُدٰٓى اِلَّآ اَنْ قَالُوْٓا اَبَعَثَ اللّٰهُ بَشَرًا رَّسُوْلًا ﴿٩٤﴾

(٩٤) ۽ حقيقت هيءَ آهي تہ جڏهن بہ الله جي هدايت (دنيا ۾) ظاهر ٿي تڏهن فقط هن ڳالهہ ماڻهن کي ايمان آڻڻ کان روڪيو جو (عجب ۾ پئجي) چوڻ لڳا تہ ڇا الله (اسان جهڙو) هڪڙو ماڻهو پيغمبر ڪري موڪليو آهي؟

قُلْ لَّوْ كَانَ فِي الْاَرْضِ مَلٰۗىِٕكَةٌ يَّمْشُوْنَ مُطْمَىِٕنِّيْنَ لَنَزَّلْنَا عَلَيْهِمْ مِّنَ السَّمَاۗءِ مَلَكًا رَّسُوْلًا ﴿٩٥﴾

(٩٥) (اي پيغمبر!) تون چئي ڏي تہ جيڪڏهن زمين تي (انسانن جي بدران) فرشتا رهن ها ۽ آرام ۽ امن امان سان گهمندا ڦرندا وتن ها تہ پوءِ ضرور اسان آسمان مان هڪڙي فرشتي کي پيغمبر بنائي موڪليون ها.

قُلْ كَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًۢا بَيْنِيْ وَبَيْنَكُمْ ۭ اِنَّهٗ كَانَ بِعِبَادِهٖ خَبِيْرًۢا بَصِيْرًا ﴿٩٦﴾

(٩٦) (پڻ) چئي ڏي تہ منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ (هاڻي) الله جي شاهدي بلڪل ڪافي آهي. يقيناً هو پنهنجي ٻانهن جي حال کان واقف ۽ سڀ ڪجهہ ڏسندڙ آهي.

وَمَنْ يَّهْدِ اللّٰهُ فَهُوَ الْمُهْتَدِ ۚ وَمَنْ يُّضْلِلْ فَلَنْ تَجِدَ لَهُمْ اَوْلِيَاۗءَ مِنْ دُوْنِهٖ ۭ وَنَحْشُرُهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ عَلٰي وُجُوْهِهِمْ عُمْيًا وَّبُكْمًا وَّصُمًّا ۭ مَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ۭ كُلَّمَا خَبَتْ زِدْنٰهُمْ سَعِيْرًا ﴿٩٧﴾

(٩٧) جنهن کي الله تعاليٰ (ڪاميابيءَ جي) راهہ تي لڳائي سو ئي في الحقيقت (سچي) راهہ تي آهي ۽ جهن جي لاءِ هن (پنهنجي قانون مطابق ڪاميابيءَ جي) راهہ گم ڪري ڇڏي تنهن جي لاءِ اوهان، سواءِ الله جي ڪوبہ مددگار نہ لهندؤ. قيامت جي ڏينهن اسان اهڙن ماڻهن کي منهن ڀر (ڪريل اونڌو ٿيل حالت ۾) اٿاريندا سين ۽ اهي انڌا، گونگا ۽ ٻوڙا هوندا. انهن جو آخري مڪان دوزخ هوندو. جڏهن بہ ان جي باهہ جهڪي ٿيندي تڏهن ان کي اڃا کان بہ وڌيڪ ڀڙڪائي ڇڏينداسين.

ذٰلِكَ جَزَاۗؤُهُمْ بِاَنَّهُمْ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِنَا وَقَالُوْٓا ءَاِذَا كُنَّا عِظَامًا وَّرُفَاتًا ءَاِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ خَلْقًا جَدِيْدًا ﴿٩٨﴾

(٩٨) اها انهن جي لاءِ سزا ٿيندي، هن ڪري جو هنن اسان جي آيتن کان انڪار ڪيو هو ۽ چيو هو تہ، ڀلا جڏهن (مرڻ بعد ڳري سڙي) فقط هڏيون ٿي ويندا سين ۽ ذرا ذرا ٿي ويندا سين تڏهن (ائين ڪيئن ٿي سگهندو جو) نئين سر اسان کي پيدا ڪري اٿاريو ويندو.

اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ قَادِرٌ عَلٰٓي اَنْ يَّخْلُقَ مِثْلَهُمْ وَجَعَلَ لَهُمْ اَجَلًا لَّا رَيْبَ فِيْهِ ۭ فَاَبَى

(٩٩) ڇا انهن ماڻهن هن ڳالهہ تي غور نہ ڪيو آهي تہ اهو الله جنهن آسمان ۽ زمين جي هيءَ سڄي ڪائنات پيدا ڪري ڇڏي آهي، ضرور هن ڳالهہ جي بہ قدرت ۽ طاقت رکي ٿو تہ هنن جي هاڻوڪي زندگيءَ وانگر هڪ

الظّٰلِمُوْنَ اِلَّا كُفُوْرًا ﴿۹۹﴾

بي زندگي بہ پيدا ڪري ڇڏي. پڻ هن ڳالھ تي غور ڪونہ ڪيو اٿن ڇا تہ ضرور هنن جي لاءِ الله تعاليٰ (آخري فيصلي جو) هڪ ميعاد مقرر ڪري ڇڏيو آهي، جنهن ۾ ڪنهن بہ طرح جو شڪ آڻي نٿو سگهجي. تنهن هوندي بہ ڏسو تہ هنن ظالمن (سنئين راھ وٺڻ کان) انڪار ڪيو، اٽلندو حقيقت کي ئي نہ مڃيائون ۽ بي شڪر رهيا.

قُلْ لَّوْ اَنْتُمْ تَمْلِكُوْنَ خَزَآئِنَ رَحْمَةِ رَبِّيْٓ اِذًا لَّاَمْسَكْتُمْ خَشْيَةَ الْاِنْفَاقِ ؕ وَ كَانَ الْاِنْسَانُ قَتُوْرًا ﴿۱۰۰﴾ ع

(١٠٠) (اي پيغمبر!) تون چئي ڏي تہ، جيڪڏهن منهنجي پروردگار جي رحمت جا خزانا اوهان جي اختيار ۾ هجن ها تہ توهان ضرور انهن جي کپي وڃڻ جي خوف کان انهن کي روڪي رکو ها. (پر الله تعاليٰ پنهنجي رحمت جو فيض روڪي رکڻ وارو ناهي. سندس بخششون اهڙيون تنگ ناهن جو دنيا جي ٿورڙن ڏينهن جي زندگيءَ لاءِ محدود هجن ۽ کپي وڃن) حقيقت هيءَ آهي تہ انسان ڏاڍو تنگدل ۽ بخيل يعني ڪنجوس آهي، (اهو الاهي رحمت جي ڪشادگيءَ جو اندازو لڳائي نٿو سگهي.)

رڪوع 12

**قرآن مجيد جو نزول ۽ اثر، الله تعاليٰ جا سهڻا نالا.**

وَ لَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسٰى تِسْعَ اٰيٰتٍۭ بَيِّنٰتٍ فَسْـَٔلْ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اِذْ جَآءَهُمْ فَقَالَ لَهٗ فِرْعَوْنُ اِنِّيْ لَاَظُنُّكَ يٰمُوْسٰى مَسْحُوْرًا ﴿۱۰۱﴾

(١٠١) ۽ (اي پيغمبر!) اسان حضرت موسيٰ کي نَوَ چٽيون نشانيون ڏنيون هيون، جڏهن هو بني اسرائيلن ۾ ظاهر ٿيو هو. تون بني اسرائيلن کان پڇي ڏس (تہ ڇا ڇا ٿي گذريو هو) فرعون کيس چيو هو تہ، اي موسيٰ مان تہ ڀائيان ٿو تہ توتي ضرور ڪنهن جادو ڪري ڇڏيو آهي.

قَالَ لَقَدْ عَلِمْتَ مَآ اَنْزَلَ هٰٓؤُلَآءِ اِلَّا رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ بَصَآئِرَ ۚ وَ اِنِّيْ لَاَظُنُّكَ يٰفِرْعَوْنُ مَثْبُوْرًا ﴿۱۰۲﴾

(١٠٢) (تنهن تي حضرت موسيٰ) فرمايو تہ، توکي يقيناً معلوم ٿو ٿئي ته هي نشانيون مون ڏي ٻئي ڪنهن نہ موڪليون آهن پر ان موڪليون آهن جو آسمان ۽ زمين جو پروردگار آهي ۽ انهن ۾ (عبرت ۽ نصيحت وٺڻ لاءِ) سمجهڻ جي روشني آهي ۽ اي فرعون! مان سمجهان ٿو تہ تو پاڻ کي پاڻ تباهي ۾ وڌو آهي.

فَاَرَادَ اَنْ يَّسْتَفِزَّهُمْ مِّنَ الْاَرْضِ فَاَغْرَقْنٰهُ وَ مَنْ مَّعَهٗ جَمِيْعًا ﴿۱۰۳﴾

(١٠٣) سو (ڏسو) فرعون چاهيو تہ، بني اسرائيلن جو ملڪ ۾ رهڻ مصيبتن سان ڀريل ڪري ڇڏي (۽ ڪين تباھ ڪري ڇڏي) پر اسان کيس ۽ انهن سڀني کي جيڪي ان سان گڏ هئا (سمنڊ ۾) ٻوڙي ڇڏيو.

وَّ قُلْنَا مِنْۢ بَعْدِهٖ لِبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ اسْكُنُوا الْاَرْضَ فَاِذَا جَآءَ وَعْدُ الْاٰخِرَةِ جِئْنَا بِكُمْ لَفِيْفًا ﴿۱۰۴﴾

(١٠٤) ۽ اسان هن واقعي کان پوءِ بني اسرائيلن کي چيو هو تہ، هاڻي هن (فلسطين يا ڪنعان جي) ملڪ ۾ رهو (توهان جي لاءِ هاڻي ڪوبہ خوف خطرو ڪونہ رهيو) ) پوءِ جڏهن آخرت جو واعدو ظهور ۾ ايندو تڏهن اسان توهان سڀني کي پنهنجي حضور ۾ آڻي گڏ ڪنداسين.

وَ بِالْحَقِّ اَنْزَلْنٰهُ وَ بِالْحَقِّ نَزَلَ ؕ وَ مَآ اَرْسَلْنٰكَ

(١٠٥) ۽ اسان قرآن کي سچائيءَ سان نازل ڪيو آهي ۽ اهو بيشڪ سچائي

اِلَّا مُبَشِّرًا وَّ نَذِيْرًا ۝١٠٥

سان ئي نازل ٿيو آهي ۽ اسان جو توکي (پيغمبر ڪري) موڪليو آهي سو فقط هن حيثيت ۾ ته تون (ايمان ۽ نيڪ عملن جي نتيجن جي) خوشخبري ڏيندڙ ۽ (انڪار ۽ بدعملن جي نتيجن ڪان) خبردار ڪندڙ آهين.

وَقُرْاٰنًا فَرَقْنٰهُ لِتَقْرَاَهٗ عَلَى النَّاسِ عَلٰى مُكْثٍ وَّ نَزَّلْنٰهُ تَنْزِيْلًا ۝١٠٦

(١٠٦) ۽ اسان قرآن کي ٽڪرن ٽڪرن ۾ ورهايو آهي، انهيءَ لاءِ ته تون جهلي جهلي ماڻهن کي پڙهي ٻڌائين ۽ (اهوئي سبب آهي جو ان کي) هڪ ئي وقت نازل نه ڪيوسين، بلڪ درجي بدرجي (ٿورو ٿورو ڪري) نازل ڪيوسين.

قُلْ اٰمِنُوْا بِهٖٓ اَوْ لَا تُؤْمِنُوْا ۭ اِنَّ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ مِنْ قَبْلِهٖٓ اِذَا يُتْلٰى عَلَيْهِمْ يَخِرُّوْنَ لِلْاَذْقَانِ سُجَّدًا ۝١٠٧

(١٠٧) (اي پيغمبر!) هنن ماڻهن کي چئي ڏي ته توهان قرآن کي (الله جو ڪلام ڪري) مڃيو يا نه مڃيو، پر جن ماڻهن کي اڳوڻن ڪتابن جو علم ڏنو ويو آهي (يعني اهل ڪتاب) تن کي جڏهن هي ڪلام ٻڌايو وڃي ٿو تڏهن هو بي اختيا سجدي ۾ ڪري پون ٿا.

وَّيَقُوْلُوْنَ سُبْحٰنَ رَبِّنَآ اِنْ كَانَ وَعْدُ رَبِّنَا لَمَفْعُوْلًا ۝١٠٨

(١٠٨) ۽ چئي ڏين ٿا ته پاڪائي هجي اسان جي پروردگار لاءِ! بيشڪ اسان جي پروردگار جو واعدو انهيءَ لاءِ ٿيل هو ته پورو ٿئي ۽ عمل ۾ اچي.

وَيَخِرُّوْنَ لِلْاَذْقَانِ يَبْكُوْنَ وَيَزِيْدُهُمْ خُشُوْعًا ۝١٠٩ السجدة

(١٠٩) اهي ڪاڏين ڀر (الله جي اڳيان) ڪري پون ٿا سندن اکيون لڙڪن سان ڀرجي وڃن ٿيون ۽ (حق جو ڪلام ٻڌڻ) هنن جي نماڻائي ۽ زاريءَ کي وڌائي ٿو ڇڏي.

قُلِ ادْعُوا اللّٰهَ اَوِ ادْعُوا الرَّحْمٰنَ ۭ اَيًّا مَّا تَدْعُوْا فَلَهُ الْاَسْمَاۗءُ الْحُسْنٰى ۚ وَلَا تَجْهَرْ بِصَلَاتِكَ وَلَا تُخَافِتْ بِهَا وَابْتَغِ بَيْنَ ذٰلِكَ سَبِيْلًا ۝١١٠

(١١٠) (اي پيغمبر!) تون چئو ته، توهان (مڪي جا مشرڪ) الله چئي (ڪيس) پڪاريو يا رحمان جي نالي سان ڪيس پڪاريو جيئن به پڪاريو (ساڳي ڳالهه آهي) سندس سڀ نالا سهڻا ۽ چڱا آهن ۽ (اي پيغمبر!) تون نماز ۾ نڪي وڏي واڪي (قرآن) پڙهه، نه وري بلڪل آهستي. توکي گهرجي ته درميانو طريقو اختيار ڪرين.

وَقُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ لَمْ يَتَّخِذْ وَلَدًا وَّلَمْ يَكُنْ لَّهٗ شَرِيْكٌ فِي الْمُلْكِ وَلَمْ يَكُنْ لَّهٗ وَلِيٌّ مِّنَ الذُّلِّ وَكَبِّرْهُ تَكْبِيْرًا ۝١١١ ع

(١١١) ۽ چئو ته سڀ ساراهون الله جي لاءِ آهن، جو نڪي اولاد ٿو رکي، نڪي سندس حڪومت ۾ ڪوئي هن سان شريڪ آهي، ۽ نه ڪوئي اهڙو آهي جو سندس ٿڪ يا عاجزيءَ ۾ سندس مددگار ٿئي (هو انهن ڳالهين کان ۽ ٿڪ يا عاجزيءَ کان بلڪل پاڪ آهي) سندس وڏائي بيان ڪيو، جيتري وڏائي بيان ڪرڻ گهرجي. (هن جي وڏائي بي انت ۽ بي انتها آهي.)

**سورت الڪهف** (معنيٰ: **ڪهف= غار) مڪي**

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

**قرآن مجيد سنئون ۽ چٽو آهي. هي ڪافر جيڪي هدايت جي واٽ نٿا وٺن تنهن تي تون پاڻ کي افسوس ۾ ڳاري نه ڇڏ.**

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ عَلٰي عَبْدِهِ الْكِتٰبَ وَ

(١) سڀ ڪامل ساراهون الله جي لاءِ آهن، جنهن پنهنجي ٻانهي تي

لَمْ يَجْعَلْ لَّهٗ عِوَجًا ۜ﴿١﴾

كتاب (يعني قرآن مجيد) نازل ڪيو آهي ۽ ان ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڏنگائي ڦڏائي ڪانہ رکي اٿس.

قَيِّمًا لِّيُنْذِرَ بَاْسًا شَدِيْدًا مِّنْ لَّدُنْهُ وَيُبَشِّرَ الْمُؤْمِنِيْنَ الَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ الصّٰلِحٰتِ اَنَّ لَهُمْ اَجْرًا حَسَنًا ۙ﴿٢﴾

(٢) بلڪل سڌي ڳالھ آهي (پيچن ۽ وڪڙن کان پاڪ آهي ۽ قرآن مجيد جو الله تعاليٰ نازل ڪيو آهي سو) هن لاءِ تہ ماڻهن کي الله تعاليٰ وٽان سخت عذاب ۽ تباهيءَ بابت خبردارڪري. ۽ مؤمنن کي جيڪي صالح عمل ٿا ڪن خوشخبري ڏئي تہ يقيناً هنن جي لاءِ وڏو ۽ چڱو اجر آهي.

مّٰكِثِيْنَ فِيْهِ اَبَدًا ۙ﴿٣﴾

(٣) هو هميشہ انهيءَ (خوشحالي) ۾ رهندا.

وَّيُنْذِرَ الَّذِيْنَ قَالُوا اتَّخَذَ اللّٰهُ وَلَدًا ۤ﴿٤﴾

(٤) ۽ پڻ انهن ماڻهن کي خبردار ڪري جيڪي (اهڙي سخت واهيات ڳالھ زبان مان ڪڍن ٿا ۽) چون ٿا تہ الله تعاليٰ کي بہ اولاد آهي.

مَا لَهُمْ بِهٖ مِنْ عِلْمٍ وَّلَا لِاٰبَآئِهِمْ ؕ كَبُرَتْ كَلِمَةً تَخْرُجُ مِنْ اَفْوَاهِهِمْ ؕ اِنْ يَّقُوْلُوْنَ اِلَّا كَذِبًا﴿٥﴾

(٥) هن باري ۾ هنن کي ڪجھ بہ ڄاڻ ڪانهي. نڪي هنن جي ابن ڏاڏن کي ڪا ڄاڻ هئي. کهڙي نہ سخت خراب ڳالھ آهي جا سندن زبانن مان نڪري ٿي. جيڪي هو چون ٿا سو ڪجھ بہ نہ آهي مگر سراسر ڪوڙ.

فَلَعَلَّكَ بَاخِعٌ نَّفْسَكَ عَلٰۤى اٰثَارِهِمْ اِنْ لَّمْ يُؤْمِنُوْا بِهٰذَا الْحَدِيْثِ اَسَفًا﴿٦﴾

(٦) (اي پيغمبر!) تنهنجي حالت تہ اهڙي ئي رهي آهي جو جنهن صورت ۾ هي ماڻهو اها (ڇٽي) ڳالھ بہ نٿا (سمجهن ۽) مڃن تنهن صورت ۾ عجب ناهي تہ تون هنن (جي هدايت) پنيان لڳي پنهنجي جان کي افسوس ۾ ڳاري ڇڏين (حالانڪ هو تہ مڃڻ وارا ئي ناهن، پوءِ ڇو تو افسوس ڪرين.)

اِنَّا جَعَلْنَا مَا عَلَى الْاَرْضِ زِيْنَةً لَّهَا لِنَبْلُوَهُمْ اَيُّهُمْ اَحْسَنُ عَمَلًا﴿٧﴾

(٧) روءِ زمين تي جيڪي بہ آهي، تنهن کي اسان زمين جي لاءِ زينت ۽ سونهن بنايو آهي، ۽ هن لاءِ بنايو آهي تہ ماڻهن کي آزمايون تہ انهن مان ڪهڙن جا عمل وڌيڪ چڱا آهن.

وَاِنَّا لَجٰعِلُوْنَ مَا عَلَيْهَا صَعِيْدًا جُرُزًا ؕ﴿٨﴾

(٨) ۽ وري اسان ئي زمين جي هر شيءِ کي (نابود ڪري) ويران ميدان ڪري ٿا ڇڏيون.

اَمْ حَسِبْتَ اَنَّ اَصْحٰبَ الْكَهْفِ وَالرَّقِيْمِ ۙ كَانُوْا مِنْ اٰيٰتِنَا عَجَبًا﴿٩﴾

(٩) (اي پيغمبر!) تو خيال ڪيو آهي تہ غار ۾ رقيم وارا (اصحاب ڪهف) اسان جي نشانين مان ڪا عجيب نشاني هئا.

اِذْ اَوَى الْفِتْيَةُ اِلَى الْكَهْفِ فَقَالُوْا رَبَّنَاۤ اٰتِنَا مِنْ لَّدُنْكَ رَحْمَةً وَّهَيِّئْ لَنَا مِنْ اَمْرِنَا رَشَدًا﴿١٠﴾

(١٠) ڳالھ هيئن آهي تہ ڪي جوان هڪ غار ۾ وڃي وينا هئا ۽ هنن دعا گهري هئي تہ، اي اسان جا پروردگار پنهنجي طرفان اسان تي رحمت موڪل ۽ تون اسان جي هن ڪم لاءِ ڪاميابيءَ جا اسباب پيدا ڪري ڇڏ.

فَضَرَبْنَا عَلٰۤى اٰذَانِهِمْ فِي الْكَهْفِ سِنِيْنَ عَدَدًا ۙ﴿١١﴾

(١١) پوءِ غار ۾ ڪيترن ئي سالن تائين اسان هنن جا ڪَن (دنيا جي طرف کان) بند ڪري ڇڏيا.

ثُمَّ بَعَثْنٰهُمْ لِنَعْلَمَ اَيُّ الْحِزْبَيْنِ اَحْصٰى
لِمَا لَبِثُوْٓا اَمَدًا ﴿١٢﴾

(١٢) پوءِ اسان هنن کي اٿاري ڪڙو ڪيو انهيءَ لاءِ تہ معلوم ٿي وڃي تہ ٻنهي جماعتن مان ڪهڙي آهي، جا گذريل مدت جو اندازو بهتر طريقي سان لڳائي سگهي.

رکوع 2

**اصحاب ڪهف جو قصو. اهي ڪي نوجوان هئا جن پنهنجي پروردگار تي ايمان آندو هو.**

نَحْنُ نَقُصُّ عَلَيْكَ نَبَاَهُمْ بِالْحَقِّ ۭ اِنَّهُمْ
فِتْيَةٌ اٰمَنُوْا بِرَبِّهِمْ وَزِدْنٰهُمْ هُدًى ﴿١٣﴾

(١٣) (اي پيغمبر!) اسان توکي انهن ماڻهن جو سچو قصو بيان ڪري ٻڌايون ٿا. اهي ڪي نوجوان هئا جن پنهنجي پروردگار تي ايمان آندو هو. اسان کين هدايت جي واٽ تي زياده مضبوط ڪري ڇڏيو هو.

وَّرَبَطْنَا عَلٰي قُلُوْبِهِمْ اِذْ قَامُوْا فَقَالُوْا رَبُّنَا
رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ لَنْ نَّدْعُوَا۟ مِنْ دُوْنِهٖٓ
اِلٰـهًا لَّقَدْ قُلْنَآ اِذًا شَطَطًا ﴿١٤﴾

(١٤) ۽ هنن جي دلين کي (صبر ۽ استقامت تي) محڪم ڪري ڇڏيو هو. جڏهن هو (حق جي راهہ ۾ اٿي کڙا ٿيا تڏهن هنن (صاف صاف) چئي ڏنو تہ اسان جو پروردگار تہ اهوئي آهي جو زمين ۽ آسمانن جو پروردگار آهي. اسان هن کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي بہ معبود (سمجهي) پڪارڻ وارا ڪونہ آهيون. جيڪڏهن اسان ائين ڪيون تہ اها سخت نامناسب ۽ خراب ڳالهہ ٿيندي.

هٰٓؤُلَاۗءِ قَوْمُنَا اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ اٰلِهَةً ۭ لَوْلَا
يَاْتُوْنَ عَلَيْهِمْ بِسُلْطٰنٍۢ بَيِّنٍ ۭ فَمَنْ اَظْلَمُ
مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَي اللّٰهِ كَذِبًا ﴿١٥﴾

(١٥) اهي اسان جي قوم جا ماڻهو آهن، جن الله کان سواءِ ٻيا معبود ڪٺي ورتا آهن. جيڪڏهن اُهي (سچ پچ) معبود آهن تہ پوءِ هو ڇو نٿا ان لاءِ ڪو چٽو دليل پيش ڪن (هنن وٽ تہ ڪو دليل ئي ڪونهي) پوءِ انهيءَ کان وڌيڪ ظالم ڪير ٿي سگهي ٿو جو الله تي ڪوڙو ناه ٺاهي.

وَاِذِ اعْتَزَلْتُمُوْهُمْ وَمَا يَعْبُدُوْنَ اِلَّا اللّٰهَ
فَاْوٗٓا اِلَى الْكَهْفِ يَنْشُرْ لَكُمْ رَبُّكُمْ مِّنْ
رَّحْمَتِهٖ وَيُهَيِّئْ لَكُمْ مِّنْ اَمْرِكُمْ مِّرْفَقًا ﴿١٦﴾

(١٦) (پوءِ هو پاڻ ۾ چوڻ لڳا تہ) جنهن صورت ۾ اسان انهن ماڻهن کان ۽ انهن (معبودن) کان جن کي هو الله کان سواءِ پوڄين ٿا پاسو ڪيو آهي (۽ ڇڏي ڏنو آهي) تنهن صورت ۾ هلو تہ هلي ڪنهن غار ۾ پناهہ وٺون. اسان جو پروردگار اسان تي پنهنجي رحمت جي ڇانوَ ڪندو ۽ اسان جي هن معاملي لاءِ سمر ۽ سامان مهيا ڪري ڏيندو.

وَتَرَى الشَّمْسَ اِذَا طَلَعَتْ تَّزٰوَرُ عَنْ
كَهْفِهِمْ ذَاتَ الْيَمِيْنِ وَاِذَا غَرَبَتْ
تَّقْرِضُهُمْ ذَاتَ الشِّمَالِ وَهُمْ فِيْ فَجْوَةٍ
مِّنْهُ ۭ ذٰلِكَ مِنْ اٰيٰتِ اللّٰهِ ۭ مَنْ يَّهْدِ اللّٰهُ
فَهُوَ الْمُهْتَدِ ۚ وَمَنْ يُّضْلِلْ فَلَنْ تَجِدَ لَهٗ
وَلِيًّا مُّرْشِدًا ﴿١٧﴾

(١٧) ۽ (جنهن غار ۾ وڃي ويٺا سا اهڙيءَ طرح جي هئي جو) جڏهن سج ايري ٿو تڏهن توهان ڏسندؤ تہ غار جي ساڄي طرف لڙيل رهي ٿو، ۽ جڏهن لهڻ لڳي ٿو تڏهن وري کاٻي طرف لڙي لهي ٿو وڃي. (يعني ڪنهن بہ حالت ۾ اس يا سج جا سڌا ڪرڻا اندر نٿا پهچن ۽ هو ان غار جي اندر ڪشادي جاءِ ۾ ويٺا رهيا آهن. اها الله جي نشانين مان هڪ نشاني آهي (جو هنن تہ) جنهن لاءِ الله تعاليٰ (ڪاميابيءَ جي) راهہ کولي ٿو ڇڏي، سو ئي (سچي) راهہ تي آهي ۽ جنهن لاءِ (سنڌس ئي ضد ۽ هوس

پرستيءَ سبب) راهه گم ڪري تو ڇڏي، تنهن لاءِ ڪوبہ سندس ڪارساز ۽ راهه ڏيکارڻ وارو ڪونہ لهندؤ ۽ ڏسندؤ.

رڪوع 3

**اڻ ڄاتل ڳالهہ تي بحث ڪان منع، بحث فقط انهيءَ حد تائين ڪريو جو صاف صاف معلوم هجي.**

وَتَحْسَبُهُمْ اَيْقَاظًا وَّهُمْ رُقُوْدٌ ۖ وَّنُقَلِّبُهُمْ ذَاتَ الْيَمِيْنِ وَذَاتَ الشِّمَالِ ۖ وَكَلْبُهُمْ بَاسِطٌ ذِرَاعَيْهِ بِالْوَصِيْدِ ۭ لَوِ اطَّلَعْتَ عَلَيْهِمْ لَوَلَّيْتَ مِنْهُمْ فِرَارًا وَّلَمُلِئْتَ مِنْهُمْ رُعْبًا ﴿١٨﴾

(١٨) ۽ توهان انهن کي ڏسو تہ توهان سمجهندؤ تہ هو جاڳن ٿا، حالانڪ هو ننڊ ۾ آهن. اسان هنن کي ساڄي پاسي ۽ کاٻي پاسي موڙيون ٿا (يعني هو پاسو ورائين ٿا جيئن اسان سمهڻ ۾ جاڳندي توڙي ننڊ ۾ پاسو ورائيندا آهيون) ۽ هنن جو ڪتو چائٺ وٽ پنهنجون اڳيون ٽنگون ڊگهيون ڪيون ويٺو آهي، جيڪڏهن توهان ليو پائي هنن کي ڏسو تہ جيڪر منهن ڦيرائي پٺتي ڀڄي هليا وڃو، ۽ توهان تي (ان نظاري ڪان) دهشت ڇانئجي وڃي.

وَكَذٰلِكَ بَعَثْنٰهُمْ لِيَتَسَاۗءَلُوْا بَيْنَهُمْ ۭ قَالَ قَاۗىِٕلٌ مِّنْهُمْ كَمْ لَبِثْتُمْ ۭ قَالُوْا لَبِثْنَا يَوْمًا اَوْ بَعْضَ يَوْمٍ ۭ قَالُوْا رَبُّكُمْ اَعْلَمُ بِمَا لَبِثْتُمْ ۭ فَابْعَثُوْٓا اَحَدَكُمْ بِوَرِقِكُمْ هٰذِهٖٓ اِلَى الْمَدِيْنَةِ فَلْيَنْظُرْ اَيُّهَآ اَزْكٰى طَعَامًا فَلْيَاْتِكُمْ بِرِزْقٍ مِّنْهُ وَلْيَتَلَطَّفْ وَلَا يُشْعِرَنَّ بِكُمْ اَحَدًا ﴿١٩﴾

(١٩) ۽ (ڏسو) اهڙيءَ ئي طرح هيءَ ڳالهہ ٿي جو اسان هنن کي وري اٿاري کڙو ڪيو. انهيءَ لاءِ تہ پاڻ ۾ هڪ ٻئي کان پڇا ڳاڇا ڪن. انهن مان هڪڙي چوندڙ پڇيو تہ، اسان هتي ڪيتري مدت رهيا هونداسين؟ ٻين چيو تہ هڪڙو ڏينهن يا هڪڙي ڏينهن جو ڪجهہ حصو. پوءِ (جڏهن پوري مدت معلوم ڪري نہ سگهيا تڏهن) چيائون تہ، اسان جو پروردگار ئي بهتر ڄاڻي ٿو تہ ڪيتريءَ مدت تائين هتي رهيا پيا هئاسين. (هاڻي) هڪڙي ماڻهو کي هي چانديءَ جو سڪو ڏئي شهر ۾ موڪليو. وڃي ڏسي تہ ڪنهن وٽان چڱو طعام ٿو ملي ۽ جتان ملي اتان ڪجهہ طعام وٺي آڻي. پر چپ چاپ ۾ رهي جيئن ڪنهن کي بہ اسان جي خبر نہ پوي.

اِنَّهُمْ اِنْ يَّظْهَرُوْا عَلَيْكُمْ يَرْجُمُوْكُمْ اَوْ يُعِيْدُوْكُمْ فِيْ مِلَّتِهِمْ وَلَنْ تُفْلِحُوْٓا اِذًا اَبَدًا ﴿٢٠﴾

(٢٠) جيڪڏهن ماڻهن کي خبر پئجي ويندي تہ (پوءِ هو ڇڏڻ وارا ناهن) يا تہ اوهان کي سنگسار ڪري ماريندا يا تہ مجبور ڪندا تہ وري سندن دين ۾ موٽي داخل ٿيو. جيڪڏهن ائين ٿيندو (يعني وري سندن بت پرستي جي دين ۾ داخل ٿيندؤ) تہ پوءِ ڪڏهن بہ فلاح (يعني ڪاميابي ۽ دائمي سعادت) حاصل نہ ڪندؤ.

وَكَذٰلِكَ اَعْثَرْنَا عَلَيْهِمْ لِيَعْلَمُوْٓا اَنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّاَنَّ السَّاعَةَ لَا رَيْبَ فِيْهَا ۚ اِذْ يَتَنَازَعُوْنَ بَيْنَهُمْ اَمْرَهُمْ فَقَالُوا ابْنُوْا عَلَيْهِمْ بُنْيَانًا ۭ رَبُّهُمْ اَعْلَمُ بِهِمْ ۭ قَالَ الَّذِيْنَ غَلَبُوْا عَلٰٓي اَمْرِهِمْ لَنَتَّخِذَنَّ عَلَيْهِمْ مَّسْجِدًا ﴿٢١﴾

(٢١) ۽ (پوءِ ڇا ٿيو جو) اهڙيءَ طرح (يعني هڪ ماڻهوءَ طرفان سڪي ڪٽي وڃي بازار ۾ ڏيکارڻ سان) اسان ماڻهن کي سندن حال ڪان واقف ڪيو (هنن جي ڳالهہ لڪي ڪين سگهي) ۽ هن لاءِ واقف ڪيوسين تہ ماڻهن کي معلوم ٿئي تہ الله جو واعدو سچو آهي، ۽ قيامت جي اچڻ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي. ان وقت جي ڳالهہ آهي تہ ماڻهو پاڻ ۾ بحث ڪرڻ لڳا تہ هنن (غار جي ساٿين) جي معاملي ۾ ڇا ڪجي. ماڻهن چيو تہ، هن

غار تي هڪ عمارت ٺاهيو (ته يادگار ٿئي.) جيڪي هنن تي ٿي گذريو تنهن کي سندن پروردگار ئي بهتر ڄاڻي ٿو. پوءِ انهن ماڻهن جي ان معاملي ۾ غالب پيا چيو ته، (نيڪ آهي) اسان ضرور هنن جي مٿان (يا پرسان) هڪ عبادتگاهه بنائينداسين.

سَيَقُوْلُوْنَ ثَلٰثَةٌ رَّابِعُهُمْ كَلْبُهُمْ ۚ وَيَقُوْلُوْنَ خَمْسَةٌ سَادِسُهُمْ كَلْبُهُمْ رَجْمًۢا بِالْغَيْبِ ۚ وَيَقُوْلُوْنَ سَبْعَةٌ وَّثَامِنُهُمْ كَلْبُهُمْ ۭ قُلْ رَّبِّيْٓ اَعْلَمُ بِعِدَّتِهِمْ مَّا يَعْلَمُهُمْ اِلَّا قَلِيْلٌ ڃ فَلَا تُمَارِ فِيْهِمْ اِلَّا مِرَاۗءً ظَاهِرًا ۠ وَّلَا تَسْتَفْتِ فِيْهِمْ مِّنْهُمْ اَحَدًا ۝۲۲

(٢٢) ڪي ماڻهو چوندا آهن ته، غار وارا ماڻهو ٽي هئا ۽ چوٿون هو سندن ڪتو. ڪي ماڻهو وري چون ٿا ته پنج هئا ۽ ڇهون سندن ڪتو هو. اهي سڀ (رڳو ڏڪا ٽا هڻن ۽) غيب جي انڌاري ۾ تير ٽا اڇلائين ۽ ڪي چون ٿا ته ست هئا، اٺون هو سندن ڪتو. (اي پيغمبر!) تون چئو ته، انهن جو سچو تعداد ته منهنجو پروردگار ئي بهتر ڄاڻي ٿو ڄاڻي، جو ته هنن جو حال تمام ٿورا ماڻهو ٿا ڄاڻن. (۽ جڏهن ته صورت حال اها آهي) تون ماڻهن سان هن باري ۾ بحث ۽ جهڳڙو نه ڪر، پر (بحث) فقط انهيءَ حد تائين ڪر جو صاف صاف معلوم ڳالهه هجي. (يعني اونهين ۽ غير يقيني ڳالهين ۾ پوڻ نه گهرجي) نڪي انهن ماڻهن مان (جن ۾ اهي روايتون هلندڙ آهن) ڪن کان هن باري ۾ پڇا ڪر (ڇو ته سندن ڏند ڪٿائون اعتبار جوڳيون ناهن.)

رڪوع 4

**غار جا ساٿي ڪيترو وقت غار ۾ رهيا سو فقط الله تعاليٰ کي معلوم آهي، وحي سيني لاءِ آهي.**

وَلَا تَقُوْلَنَّ لِشَايْءٍ اِنِّىْ فَاعِلٌ ذٰلِكَ غَدًا ۝۲۳ۙ

(٢٣) ۽ ڪابه ڳالهه هجي ته ائين ڪڏهن به نه چئو ته، سڀاڻي مان اهو ڪم ڪري ڇڏيندس.

اِلَّآ اَنْ يَّشَاۗءَ اللّٰهُ ۡ وَاذْكُرْ رَّبَّكَ اِذَا نَسِيْتَ وَقُلْ عَسٰٓى اَنْ يَّهْدِيَنِ رَبِّيْ لِاَقْرَبَ مِنْ هٰذَا رَشَدًا ۝۲۴

(٢٤) سواءِ هن جي جو سمجهي ڇڏيو ته ٿيندو اهوئي جو الله تعاليٰ چاهيندو ۽ جڏهن ويسر ٿيئو ته وري الله جي يادگيري تازي ڪري چئو ته، اميد آهي ته منهنجو پروردگار هن کان به زياده ڪاميابيءَ جي راهه منهنجي لاءِ کولي ڇڏيندو.

وَلَبِثُوْا فِيْ كَهْفِهِمْ ثَلٰثَ مِائَةٍ سِنِيْنَ وَازْدَادُوْا تِسْعًا ۝۲۵

(٢٥) ۽ (چون ٿا ته) هو (غار جا سنگتي) ٽي سئو سالن تائين غار ۾ رهيا ۽ ماڻهن نو سال پيا به وڌايا آهن.

قُلِ اللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا لَبِثُوْا ۚ لَهٗ غَيْبُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ اَبْصِرْ بِهٖ وَاَسْمِعْ ۭ مَا لَهُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ مِنْ وَّلِيٍّ ۡ وَّلَا يُشْرِكُ فِيْ حُكْمِهٖٓ اَحَدًا ۝۲۶

(٢٦) (اي پيغمبر!) تون چئه ته الله ئي بهتر ڄاڻي ٿو ته هو ڪيتري مدت رهيا، هو آسمان ۽ زمين جون سڀ لڪل ڳالهيون ڄاڻي ٿو. وڏو ئي ڏسندڙ ۽ وڏو ئي ٻڌندڙ آهي. هن کان سواءِ ماڻهن جو ڪوبه ڪارساز ڪونهي ۽ نه هو پنهنجي حڪم ۾ ڪنهن کي به شريڪ ٿو ڪري.

وَاتۡلُ مَاۤ اُوۡحِیَ اِلَیۡکَ مِنۡ کِتَابِ رَبِّکَ ۚؕ لَا مُبَدِّلَ لِکَلِمٰتِهٖ ۚ۟ وَ لَنۡ تَجِدَ مِنۡ دُوۡنِهٖ مُلۡتَحَدًا ﴿۲۷﴾

(٢٧) ۽ (اي پيغمبر!) تنهنجي پروردگار جو ڪتاب جو توتي وحي طور نازل ڪيو ويو آهي، تنهن جي پڙهڻ (۽ ان تي عمل ڪرڻ) ۾ لڳو رھ. الله جون ڳالهيون ڪوبہ ڦيرائي نٿو سگهي. ۽ تو ڪي هن ڪان سواءِ ڪوبہ پناھ جو سهارو ملڻو ناهي.

وَاصۡبِرۡ نَفۡسَکَ مَعَ الَّذِیۡنَ یَدۡعُوۡنَ رَبَّهُمۡ بِالۡغَدٰوةِ وَ الۡعَشِیِّ یُرِیۡدُوۡنَ وَجۡهَهٗ وَ لَا تَعۡدُ عَیۡنٰکَ عَنۡهُمۡ ۚ تُرِیۡدُ زِیۡنَةَ الۡحَیٰوةِ الدُّنۡیَا ۚ وَ لَا تُطِعۡ مَنۡ اَغۡفَلۡنَا قَلۡبَهٗ عَنۡ ذِکۡرِنَا وَ اتَّبَعَ هَوٰىهُ وَ کَانَ اَمۡرُهٗ فُرُطًا ﴿۲۸﴾

(٢٨) ۽ جيڪي ماڻهو صبح شام پنهنجي پروردگار کي پڪاريندا رهن ٿا، ۽ هن جي محبت سان ڀرپور آهن تن جي صحبت تي خوش ۽ راضي رھ. انهن کان پنهنجي نگاھ ڦيرائي نہ ڇڏ، جو وڃي دنيوي زندگيءَ جون رونقون ۽ زينتون ڳولڻ لڳن. جنهن ماڻهن جي دل کي اسان پنهنجي يادگيريءَ کان غافل ڪري ڇڏيون (يعني اسان جي ٺهرايل قانون مطابق جنهن جي دل غافل ٿي ويئي) ۽ جيڪو پنهنجي خواهشن جي پٺيان لڳو، تنهن ماڻهوءَ جي ڳالهين تي ڪن نہ ڏي. هنن جو معاملو حد کان ٻاهر نڪري ويو آهي.

وَ قُلِ الۡحَقُّ مِنۡ رَّبِّکُمۡ ۟ فَمَنۡ شَآءَ فَلۡیُؤۡمِنۡ وَّ مَنۡ شَآءَ فَلۡیَکۡفُرۡ ۙ اِنَّاۤ اَعۡتَدۡنَا لِلظّٰلِمِیۡنَ نَارًا ۙ اَحَاطَ بِهِمۡ سُرَادِقُهَا ؕ وَ اِنۡ یَّسۡتَغِیۡثُوۡا یُغَاثُوۡا بِمَآءٍ کَالۡمُهۡلِ یَشۡوِی الۡوُجُوۡهَ ؕ بِئۡسَ الشَّرَابُ ؕ وَ سَآءَتۡ مُرۡتَفَقًا ﴿۲۹﴾

(٢٩) ۽ چئي ڏي تہ سچائي اوهان جي رب جي طرف کان آهي. هاڻي جنهن کي وڻي سو مڃي، جنهن کي نہ وڻي سو مڃي. اسان ظالمن جي لاءِ اهڙي باھ تيا ڪري رکي آهي، جنهن جون چادرون چئني ئي طرفن کان هنن کي وڪوڙي وينديون. هو پاڻيءَ جي لاءِ رڙيون ڪندا تہ انهن جي جواب ۾ اهڙو پاڻي ملندن جهڙو پگهريل شيهو. اهو هنن جو وات (گرميءَ کان) پچائي ڇڏيندو. پوءِ ڪهڙي نہ خراب شيءِ پيئڻ لاءِ هنن کي ملندي ۽ ڪهڙي نہ خراب جاءِ ويهڻ لاءِ.

اِنَّ الَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اِنَّا لَا نُضِیۡعُ اَجۡرَ مَنۡ اَحۡسَنَ عَمَلًا ﴿ۚ۳۰﴾

(٣٠) پر جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا عمل ڪيا (تن لاءِ ڪوبہ انديشو ڪونهي) جنهن بہ چڱا ڪم ڪيا هوندا تنهن جو اجر اسان ڪڏهن ضايع نہ ڪنداسين.

اُولٰٓئِکَ لَهُمۡ جَنّٰتُ عَدۡنٍ تَجۡرِیۡ مِنۡ تَحۡتِهِمُ الۡاَنۡهٰرُ یُحَلَّوۡنَ فِیۡهَا مِنۡ اَسَاوِرَ مِنۡ ذَهَبٍ وَّ یَلۡبَسُوۡنَ ثِیَابًا خُضۡرًا مِّنۡ سُنۡدُسٍ وَّ اِسۡتَبۡرَقٍ مُّتَّکِـِٕیۡنَ فِیۡهَا عَلَی الۡاَرَآئِکِ ؕ نِعۡمَ الثَّوَابُ ؕ وَ حَسُنَتۡ مُرۡتَفَقًا ﴿ؒ۳۱﴾

(٣١) اهي ئي ماڻهو آهن جن جي لاءِ دائمي باغ هوندا ۽ باغن جي هيٺان نهرون وهي رهيون هونديون. اهي (بادشاهن وانگر) سون جا ڪنگڻ پائي، سبز ريشم جا باريڪ ۽ ٿلها ڪپڙا پهري ڪوچن تي ٽيڪ ڏيئي ويهندا. ڪهڙو نہ چڱو ثواب! (يعني انعام يا بدلو) ۽ ڪهڙي نہ چڱي جاءِ!

رڪوع 5

**هڪڙي شاهوڪار طاقتواري ۽ هڪ مسڪين جو مثال**

وَ اضۡرِبۡ لَهُمۡ مَّثَلًا رَّجُلَیۡنِ جَعَلۡنَا لِاَحَدِهِمَا جَنَّتَیۡنِ مِنۡ اَعۡنَابٍ وَّ حَفَفۡنٰهُمَا بِنَخۡلٍ وَّ جَعَلۡنَا بَیۡنَهُمَا زَرۡعًا ﴿ؕ۳۲﴾

(٣٢) ۽ (اي پيغمبر!) هنن ماڻهن (يعني مڪي جي ڪافرن) کي هڪڙيو مثال ٻڌاءِ. بہ ماڻهو هئا، انهن مان هڪ جي لاءِ اسان انگورن جا ٻہ باغ مهيا ڪري ڇڏيا. انهن جي چوڌاري ڪجور جي وڻن جو حاطو هو. انهن جي وچ واري زمين ۾ پوکن جون ٻنيون هيون.

كِلْتَا الْجَنَّتَيْنِ اٰتَتْ اُكُلَهَا وَلَمْ تَظْلِمْ مِّنْهُ شَيْـًٔا ۙ وَّفَجَّرْنَا خِلٰلَهُمَا نَهَرًا ۙ﴿۳۳﴾

(٣٣) پوءِ ٻئي باغ ميون سان ڀمٽار ٿي ويا. پيدائش ۾ ڪنهن به قسم جي گهٽتائي ڪانه ٿي. اسان انهن جي وچ ۾ (ريج لاءِ) هڪڙي نهر جاري ڪري ڇڏي هئي.

وَّكَانَ لَهٗ ثَمَرٌ ۚ فَقَالَ لِصَاحِبِهٖ وَهُوَ يُحَاوِرُهٗٓ اَنَا اَكْثَرُ مِنْكَ مَالًا وَّاَعَزُّ نَفَرًا ﴿۳۴﴾

(٣٤) هن جي پيدائش (يا دولت) گهڻي ٿي ويئي. پوءِ هڪ ڏينهن (هٺ ۽ وڏائيءَ ۾ پئجي) پنهنجي (مسڪين) دوست سان (جنهن کي باغ يا ٻي ڪا دولت ڪانه هئي) ڳالهيون ڪندي ڪيس چئي ڏنو ته مان توکان وڌيڪ مالدار آهيان، ۽ منهنجي هٿ ۾ ماڻهو به طاقتور آهن.

وَدَخَلَ جَنَّتَهٗ وَهُوَ ظَالِمٌ لِّنَفْسِهٖ ۚ قَالَ مَآ اَظُنُّ اَنْ تَبِيْدَ هٰذِهٖٓ اَبَدًا ۙ﴿۳۵﴾

(٣٥) پوءِ اهو (اهڙيون ڳالهيون ڪندي) پنهنجي باغ ۾ گهڙيو. ۽ هو (هٺ وڏائي ڪرڻ سان حقيقت ۾) پاڻ تي پاڻ ظلم ڪري رهيو هو. هن (وڏائيءَ ۾ ڀرجي) چيو ته، مان نٿو ڀانيان ته اهڙو (عاليشان باغ) ڪڏهن به ويران ٿي ٿو سگهي.

وَّمَآ اَظُنُّ السَّاعَةَ قَآئِمَةً ۙ وَّلَئِنْ رُّدِدْتُّ اِلٰى رَبِّيْ لَاَجِدَنَّ خَيْرًا مِّنْهَا مُنْقَلَبًا ﴿۳۶﴾

(٣٦) ۽ مان نٿو ڀانيان ته (قيامت جي) گهڙي قائم ٿيندي ۽ جيڪڏهن ڪٿي هيئن ٿئي به ته مان پنهنجي پروردگار وٽ (قيامت جي ڏينهن) رجوع ڪيو وڃان ته به (مون کي کهڙو ڪٽڪو هئڻ گهرجي) مون کي ضرور (اتي به) هن کان ئي بهتر مڪان ملندو.

قَالَ لَهٗ صَاحِبُهٗ وَهُوَ يُحَاوِرُهٗٓ اَكَفَرْتَ بِالَّذِيْ خَلَقَكَ مِنْ تُرَابٍ ثُمَّ مِنْ نُّطْفَةٍ ثُمَّ سَوّٰىكَ رَجُلًا ﴿۳۷﴾

(٣٧) هي ٻڌي سندس دوست چيو: هڪٻئي سان گفتگو جو سلسلو جاري هو ته، ڇا تون انهيءَ هستيءَ کا انڪار ٿو ڪرين جنهن توکي پهريائين مٽيءَ مان ۽ پوءِ نطفي (يعني منيءَ) مان پيدا ڪيو (جنهن ڪري توکي وڏائي ڪرڻ ۽ خدا کي وسارڻ نه گهرجي، ڏس ته مٽي ۽ مني ظاهري کهڙيون نه حقير شيون آهن) ۽ پوءِ توکي انسان بنائي نمودار ڪيو.

لٰكِنَّا۠ هُوَ اللّٰهُ رَبِّيْ وَلَآ اُشْرِكُ بِرَبِّيْٓ اَحَدًا ﴿۳۸﴾

(٣٨) پر مون کي ته يقين آهي ته اهوئي الله منهنجو پروردگار آهي. ۽ مان پنهنجي پروردگار سان ڪنهن کي به شريڪ نٿو ڪريان.

وَلَوْلَآ اِذْ دَخَلْتَ جَنَّتَكَ قُلْتَ مَا شَآءَ اللّٰهُ ۙ لَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ ۚ اِنْ تَرَنِ اَنَا اَقَلَّ مِنْكَ مَالًا وَّوَلَدًا ۚ﴿۳۹﴾

(٣٩) ۽ جڏهن تون پنهنجي باغ ۾ آئين (۽ ان جي رونق ۽ ميوا ڏٺا) تڏهن تو هيئن ڇو نه چيو ته اهو ئي ٿئي ٿو جيڪو الله چاهي ٿو سندس مدد کان سواءِ ڪو به ماڻهو ڪجهه به ڪري نٿو سگهي. ۽ هي جو تون ڏسين ٿو (۽ سمجهين ٿو) ته مان توکان مال ۽ اولاد ۾ گهٽ آهيان (يعني مون کي دولت به ڪانهي ۽ ماڻهو به هٿ ۾ ڪو نه آهن.)

فَعَسٰى رَبِّيْٓ اَنْ يُّؤْتِيَنِ خَيْرًا مِّنْ جَنَّتِكَ وَيُرْسِلَ عَلَيْهَا حُسْبَانًا مِّنَ السَّمَآءِ فَتُصْبِحَ صَعِيْدًا زَلَقًا ۙ﴿۴۰﴾

(٤٠) سو (انهيءَ تي هٺ وڏائي نه ڪر) عجب ناهي ته منهنجو پروردگار تنهنجي هن باغ کان به بهتر (باغ هن دنيا ۾ ۽ آخرت ۾) مون کي ڏيئي ڇڏي. ۽ تنهنجي باغ تي آسمان مان ڪا اهڙي حساب ڪيل آفت موڪلي جو واريءَ وارو ميدان ٿي وڃي.

اَوْ يُصْبِحَ مَآؤُهَا غَوْرًا فَلَنْ تَسْتَطِيْعَ لَهٗ طَلَبًا ﴿۴۱﴾

(٤١) يا ان جي نهر جو پاڻي بلڪل هيٺ هليو وڃي، ايتري قدر جو تون ان تائين پهچي نہ سگهين.

وَ اُحِيْطَ بِثَمَرِهٖ فَاَصْبَحَ يُقَلِّبُ كَفَّيْهِ عَلٰى مَآ اَنْفَقَ فِيْهَا وَ هِيَ خَاوِيَةٌ عَلٰى عُرُوْشِهَا وَ يَقُوْلُ يٰلَيْتَنِيْ لَمْ اُشْرِكْ بِرَبِّيْٓ اَحَدًا ﴿۴۲﴾

(٤٢) ۽ پوءِ (ڏسو) ائين ئي ٿيو جو سندس دولت (بربادي جي) گهيري ۾ اچي ويئي. هو هٿ مهٽيندي افسوس ڪرڻ لڳو تہ هاءِ هاءِ هنن باغن تي ڪيڏا نہ خرچ (۽ تڪليفون) ڪيون ويون هيون! (اهي سڀ برباد ٿي ويون) ۽ باغن جو هي حال ٿيو جو ٿاريون ڪري زمين جي برابر ٿي ويون. هاڻي هو چوي ٿو تہ هاءِ هاءِ جيڪڏهن مان پنهنجي پروردگار سان ڪنهن کي بہ شريڪ نہ ڪيان ها تہ ڪهڙو نہ چڱو ٿئي ها.

وَ لَمْ تَكُنْ لَّهٗ فِئَةٌ يَّنْصُرُوْنَهٗ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَمَا كَانَ مُنْتَصِرًا ﴿۴۳﴾

(٤٣) نڪي هئس ڪي ماڻهو (يا اولاد) جيڪي الله کان سواءِ هن جي مدد ڪن ها. نڪي پاڻ ڪي ئي ڪا طاقت هيس جو پاڻ کي بربادي کان بچائي ها.

هُنَالِكَ الْوَلَايَةُ لِلّٰهِ الْحَقِّ ؕ هُوَ خَيْرٌ ثَوَابًا وَّ خَيْرٌ عُقْبًا ﴿۴۴﴾ ع

(٤٤) هن مان ثابت ٿي ويو تہ في الحقيقت سڄو اختيار الله جي هٿ ۾ آهي. اهوئي آهي جو بهتر ثواب (يعني نعمتون) ڏيڻ وارو آهي ۽ انهيءَ ئي جي هٿ ۾ چڱي (۽ بهتر) عاقبت (يعني پڇاڙي) آهي.

رڪوع 6

**دنيا جي زندگيءَ جو مثال پوک ۽ وڻن سان. دنيا جي زندگي ٿورا ڏينهن آهي.**

وَاضْرِبْ لَهُمْ مَّثَلَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا كَمَآءٍ اَنْزَلْنٰهُ مِنَ السَّمَآءِ فَاخْتَلَطَ بِهٖ نَبَاتُ الْاَرْضِ فَاَصْبَحَ هَشِيْمًا تَذْرُوْهُ الرِّيٰحُ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ مُّقْتَدِرًا ﴿۴۵﴾

(٤٥) ۽ (اي پيغمبر!) انهن کي دنيا جي زندگيءَ جو مثال ٻڌائي ڇڏ. ان جو مثال اهڙو آهي جهڙو (زمين جي پوکن ۽ وڻن وغيره جو) اسان آسمان مان پاڻي وسايو، ۽ زمين جا اوپڙ ان سان ملي جلي اپري آيا (۽ خوب وڌيا ۽ پڪڙيا) پوءِ (ڇا ٿيو؟) سڀ ڪجهہ سڪي ڪک پن ٿو ويو. هوا جا جهٽڪا انهن کي ڪنديڙي رهيا آهن ۽ بيشڪ الله تعاليٰ هرهڪ ڳالهہ تي قادر آهي (۽ سڀ ڪجهہ ڪري ٿو سگهي).

اَلْمَالُ وَ الْبَنُوْنَ زِيْنَةُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَ الْبٰقِيٰتُ الصّٰلِحٰتُ خَيْرٌ عِنْدَ رَبِّكَ ثَوَابًا وَّ خَيْرٌ اَمَلًا ﴿۴۶﴾

(٤٦) مال دولت ۽ اولاد دنيوي زندگيءَ جي زينت آهن (۽ دل لپائيندڙ آهن، پر ٿورڙا ڏينهن). پر چڱا عمل جي باقي رهڻ وارا آهن. انهن تي تنهنجي پروردگار وٽ انعام (ڳنهڻ جي حقداريءَ لاءِ) بهتر آهن ۽ اهي ئي نيڪ عمل آهن، جن جي نتيجن مان بهتر اميد رکي سگهجي ٿي.

وَ يَوْمَ نُسَيِّرُ الْجِبَالَ وَ تَرَى الْاَرْضَ بَارِزَةً ۙ وَّ حَشَرْنٰهُمْ فَلَمْ نُغَادِرْ مِنْهُمْ اَحَدًا ﴿۴۷﴾ ج

(٤٧) ۽ (قيامت جي) ڏينهن اسان جبلن کي هلائي ڇڏينداسين ۽ زمين کي ڏسندؤ تہ پنهنجي اصل حالت ۾ اپري ايندي (يعني مٿائيون هيٺ ٿي وينديون تہ هيٺاهيون مٿي اپري ايندين، وڏو انقلاب اچي ويندو) ۽ (ان وقت) اسان سڀني انسانن کي (پاڻ وٽ) گڏ ڪنداسين ۽ ڪنهن هڪڙي کي بہ ڇڏي نہ ڏينداسين.

وَعُرِضُوْا عَلٰى رَبِّكَ صَفًّا ؕ لَقَدْ جِئْتُمُوْنَا كَمَا
خَلَقْنٰكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ ۢ بَلْ زَعَمْتُمْ اَلَّنْ
نَّجْعَلَ لَكُمْ مَّوْعِدًا ﴿۴۸﴾

(٤٨) ۽ هنن جون وصفون (هڪبئي پٺيان) تنهنجي پروردگار جي سامهون پيش ٿينديون. (پوءِ کين چيو ويندو تہ) جهڙيءَ طرح اوهان کي پهريائين (زمين تي) پيدا ڪيو ويو هو تهڙيءَ طرح توهان اڄ (وري اٿي) اسان وٽ حاضر ٿيا آهيو. توهان تہ خيال ڪيو هو تہ، اسان توهان جي لاءِ (هن طرح پيش ٿيڻ جو) وقت ڪونہ ٺهرايو هو.

وَوُضِعَ الْكِتٰبُ فَتَرَى الْمُجْرِمِيْنَ مُشْفِقِيْنَ
مِمَّا فِيْهِ وَيَقُوْلُوْنَ يٰوَيْلَتَنَا مَالِ هٰذَا
الْكِتٰبِ لَا يُغَادِرُ صَغِيْرَةً وَّلَا كَبِيْرَةً اِلَّاۤ
اَحْصٰىهَا ۚ وَوَجَدُوْا مَا عَمِلُوْا حَاضِرًا ؕ وَلَا
يَظْلِمُ رَبُّكَ اَحَدًا ﴿۴۹﴾ ع

(٤٩) ۽ (هن وقت) لکيل اعمال ناما آندا ويندا ۽ تون ڏسندين تہ جيڪي انهن ۾ (لکيل) آهي تنهن گنهگارن کي هراس ۾ وجهي ڇڏيو آهي. هو (بي اختيار) چئي ڏيندا تہ افسوس اسان جي حال تي هي ڪهڙا تہ ڪتاب آهن جو ڪابہ ڳالھ ڇڏيل ڪانهي. ننڍيون خواهہ وڏيون سڀ ڳالهيون ان ۾ حساب هيٺ آيل آهن. مطلب تہ جيڪي بہ هنن (دنيا ۾) ڪيو هو سو سڀ پنهنجي اڳيان موجود ڏسندا. ۽ تنهنجو پروردگار ڪنهن سان بہ بي انصافي نہ ڪندو، (جيڪي جنهن ڪيو سوئي ان جي آڏو ايندو).

## رڪوع 7

**ابليس جي نافرماني، ڪافرن جي ذهنيت قيامت جو ظهور.**

وَاِذْ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْۤا اِلَّاۤ
اِبْلِيْسَ ؕ كَانَ مِنَ الْجِنِّ فَفَسَقَ عَنْ اَمْرِ
رَبِّهٖ ؕ اَفَتَتَّخِذُوْنَهٗ وَذُرِّيَّتَهٗۤ اَوْلِيَآءَ مِنْ
دُوْنِيْ وَهُمْ لَكُمْ عَدُوٌّ ؕ بِئْسَ لِلظّٰلِمِيْنَ
بَدَلًا ﴿۵۰﴾

(٥٠) ۽ جڏهن اسان ملائڪن کي حڪم ڏنو هو تہ آدم جي اڳيان جهڪو، تڏهن سڀ جهڪيا هئا، پر ابليس نہ جهڪيو هو. هو جنن مان هو. (مطلب تہ) هن پنهنجي پروردگار جي حڪم جي نافرماني ڪئي. پوءِ ڇا توهان (انسان) مونکي ڇڏي (جو توهان جو پروردگار ۽ توهان تي رحمت ڪندڙ آهيان) هن (شيطان) کي ۽ سندس نسل کي پنهنجو ڪارساز ٿا بنايو، حالانڪ هو اوهان جا دشمن آهن. ظالمن جي لاءِ اها ڪهڙي نہ بڇڙي مٽاسٽا آهي (جو پنهنجي رحيم رب کي ڇڏي دشمن شيطان جا ٻانها ٿي پاڻ کي تباهہ ٿا ڪن).

مَاۤ اَشْهَدْتُّهُمْ خَلْقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَلَا
خَلْقَ اَنْفُسِهِمْ ۪ وَمَا كُنْتُ مُتَّخِذَ
الْمُضِلِّيْنَ عَضُدًا ﴿۵۱﴾

(٥١) مان هنن (شيطانن) کي پاڻ سان شامل نہ ڪيو هو، جڏهن زمين ۽ آسمان کي پيدا ڪيو هوم. نڪي انهيءَ وقت هو شامل هئا جڏهن خود انهن کي پيدا ڪيو هوم (جڏهن تہ اهي پاڻ خلقيل آهن، تڏهن پنهنجي پيدا ٿيڻ وقت ڪيئن موجود ٿي سگهن ها). مان اهڙو نہ هوس جو (انسانن جي) گمراهہ ڪرڻ وارن کي پنهنجو رفيق ۽ مددگار بنايان.

وَيَوْمَ يَقُوْلُ نَادُوْا شُرَكَآءِيَ الَّذِيْنَ
زَعَمْتُمْ فَدَعَوْهُمْ فَلَمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَهُمْ وَ
جَعَلْنَا بَيْنَهُمْ مَّوْبِقًا ﴿۵۲﴾

(٥٢) ۽ انهيءَ (قيامت جي) ڏينهن الله تعاليٰ فرمائيندو تہ، (اي نافرمان انسانو!) جن هستين کي توهان سمجهيو هو تہ مون سان شريڪ آهن، تن کي هاڻي سڏيو تہ سهي، تہ هو سڏيندا، پر کين ڪوبہ جواب ڪونہ ملندو. اسان هنن ٻنهي (يعني گهنگار انسانن ۽ سندن ٺهرايل شريڪن) جي وچ ۾ اوٽ ۽ پردو ڪري ڇڏيندا سين (جنهن ڪري هڪبئي جو ڳالهائڻ بہ نہ ٻڌي سگهندا).

وَرَاَ الْمُجْرِمُوْنَ النَّارَ فَظَنُّوْٓا اَنَّهُمْ مُّوَاقِعُوْهَا وَلَمْ يَجِدُوْا عَنْهَا مَصْرِفًا ﴿٥٣﴾

(٥٣) ۽ گنهگار (دوزخ جي ڀڙڪندڙ) باھ ڏسندا ۽ سمجهي وٺندا تہ کين ان ۾ ڪرڻو آهي، ۽ هو ڀڄي وڃڻ لاءِ ڪا بہ واٽ نہ لهندا.

رڪوع 8

**ڪافرن جي ذهنيت، ان کان وڌيڪ ڪير ظالم ٿي سگهي ٿو، جنهن کي سندس پروردگار جون آيتون، نشانيون ياد ڏياريون وڃن ۽ هو انهن کان لنوائي وڃي.**

وَلَقَدْ صَرَّفْنَا فِيْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ لِلنَّاسِ مِنْ كُلِّ مَثَلٍ ۭ وَكَانَ الْاِنْسَانُ اَكْثَرَ شَيْءٍ جَدَلًا ﴿٥٤﴾

(٥٤) ۽ (ڏسو) اسان هن قرآن ۾ ماڻهن جي هدايت لاءِ هر طرح جا مثال موٽائي موٽائي وري وري بيان ڪيا آهن. پر انسان گهڻين ئي ڳالهين ۾ وڏو جهڳڙالو ثابت ٿيو آهي. (يعني ايتري چٽائي هوندي بہ اختلاف ڪن ٿا ۽ بحث ۽ جهڳڙن ۾ پئجي وڃن ٿا).

وَمَا مَنَعَ النَّاسَ اَنْ يُّؤْمِنُوْٓا اِذْ جَاۗءَهُمُ الْهُدٰى وَيَسْتَغْفِرُوْا رَبَّهُمْ اِلَّآ اَنْ تَاْتِيَهُمْ سُنَّةُ الْاَوَّلِيْنَ اَوْ يَاْتِيَهُمُ الْعَذَابُ قُبُلًا ﴿٥٥﴾

(٥٥) ۽ جڏهن تہ هدايت ماڻهن جي اڳيان اچي ويئي آهي، تڏهن ايمان آڻڻ ۽ پنهنجي پالڻهار کان بخشش جي طلب ڪرڻ کان کين ڪهڙي ڳالھ روڪي سگهي ٿي، سواءِ هن ڳالھ جي جو (هو ضد ڪري طلب ڪن ٿا تہ) اڳوڻين قومن جهڙو معاملو کين بہ پيش اچي يا اسان جو عذاب هنن جي سامهون اچي ڪڙڪ ٿي بيهي. (هو بيوقوف ائين نٿا سمجهن تہ پوءِ هنن جو ايمان کين ڪم نہ ايندو ۽ تباھ ٿي ويندا).

وَمَا نُرْسِلُ الْمُرْسَلِيْنَ اِلَّا مُبَشِّرِيْنَ وَمُنْذِرِيْنَ ۚ وَيُجَادِلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِالْبَاطِلِ لِيُدْحِضُوْا بِهِ الْحَقَّ وَاتَّخَذُوْٓا اٰيٰتِيْ وَمَآ اُنْذِرُوْا هُزُوًا ﴿٥٦﴾

(٥٦) ۽ اسان تہ پيغمبرن کي فقط هن لاءِ موڪليندا آهيون تہ (ايمان ۽ عمل جي انعامن جي) خوشخبري ٻڌائين ۽ (انڪار ۽ بدعمليءَ جي نتيجن کان) خبردار ڪن. پر جن ڪفر جي واٽ ورتي آهي سي ڪوڙين ڳالهين جي اوٽ وٺي جهڳڙا ڪرڻ لڳن ٿا، انهيءَ لاءِ تہ اهڙيءَ طرح سچائي کي شڪ واري ڳالھ ڪري ڏيکارين. هنن اسان جي آيتن (نشانين) کي ۽ ان ڳالھ کي جنهن کان کين خبردار ڪيو ويو آهي، کل چرچي ۽ مسخريءَ جي ڳالھ بنائي رکي آهي.

وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ ذُكِّرَ بِاٰيٰتِ رَبِّهٖ فَاَعْرَضَ عَنْهَا وَنَسِيَ مَا قَدَّمَتْ يَدٰهُ ۭ اِنَّا جَعَلْنَا عَلٰي قُلُوْبِهِمْ اَكِنَّةً اَنْ يَّفْقَهُوْهُ وَفِيْٓ اٰذَانِهِمْ وَقْرًا ۭ وَاِنْ تَدْعُهُمْ اِلَى الْهُدٰى فَلَنْ يَّهْتَدُوْٓا اِذًا اَبَدًا ﴿٥٧﴾

(٥٧) ۽ انهيءَ کان وڌيڪ ظالم ڪير ٿي ٿو سگهي جنهن کي سندس پروردگار جون آيتون ياد ڏياريون وڃن ۽ هو انهن کان ڪنڌ موڙي ڇڏي ۽ پنهنجا بدعمل وساري ڇڏي، جيڪي اڳي ڪري چڪو آهي. بيشڪ اسان هنن جي دلين تي پردا وجهي ڇڏيا آهن، جنهن ڪري ڪا بہ ڳالھ سمجهي نٿا سگهن ۽ اسان سندن ڪنن ۾ ٻوڙاڻ وجهي ڇڏي آهي، (جنهن ڪري هو حق جو آواز ٻڌي نٿا سگهن) تون هنن کي ڪيترو بہ سڌي واٽ ڏي، سڏين تہ بہ هو هرگز ڪڏهن بہ سڌي واٽ لهي نہ سگهندا.

وَرَبُّكَ الْغَفُوْرُ ذُو الرَّحْمَةِ ۭ لَوْ يُؤَاخِذُهُمْ

(٥٨) پر (اي پيغمبر!) تنهنجو پروردگار وڏوئي بخشيندڙ آهي ۽ وڏوئي رحمت وارو آهي. جيڪڏهن هو انهن ماڻهن جي عملن جي ڪمائي موجب

بِمَا كَسَبُوْا لَعَجَّلَ لَهُمُ الْعَذَابَ ۭ بَلْ لَّهُمْ مَّوْعِدٌ لَّنْ يَّجِدُوْا مِنْ دُوْنِهٖ مَوْىِٕلًا ﴿٥٨﴾

کين پڪڙ ڪرڻ چاهي ها ته عذاب نازل ڪري ها. پر هنن جي لاءِ هڪڙو ميعاد (مدو) مقرر ڪري ڇڏيو اٿس. ان کان سواءِ ڪابه جاءِ نه هلندا (يعني سيني کي آخر انهيءَ مقرر ميعاد جي جاءِ تي ضرور پهچڻو آهي).

وَتِلْكَ الْقُرٰٓى اَهْلَكْنٰهُمْ لَمَّا ظَلَمُوْا وَجَعَلْنَا لِمَهْلِكِهِمْ مَّوْعِدًا ﴿٥٩﴾

(٥٩) ۽ ڏسو هي (پراڻيون) بستيون آهن. جڏهن انهن جي رهاڪن ظلم جي واٽ اختيار ڪئي تڏهن اسان کين تباهه ڪري ڇڏيو. اسان هنن جي تباهيءَ جي لاءِ هڪ ميعاد مقرر ڪري ڇڏيو هو.

ركوع 9

**حضرت موسىٰ ۽ هڪڙي باعمل شخص جو قصو.**

وَاِذْ قَالَ مُوْسٰى لِفَتٰىهُ لَآ اَبْرَحُ حَتّٰٓى اَبْلُغَ مَجْمَعَ الْبَحْرَيْنِ اَوْ اَمْضِيَ حُقُبًا ﴿٦٠﴾

(٦٠) ۽ (ڏسو) حضرت موسىٰ پنهنجي ساٿي خادم کي چيو ته، مان پنهنجي ڪوشش کان نه هٽندس، جيستائين انهيءَ جاءِ تي نه پهچان، جتي ٻه سمنڊ اچي مليا آهن. مان ته (پنهنجي واٽ وٺيون) هلندو رهندس.

فَلَمَّا بَلَغَا مَجْمَعَ بَيْنِهِمَا نَسِيَا حُوْتَهُمَا فَاتَّخَذَ سَبِيْلَهٗ فِي الْبَحْرِ سَرَبًا ﴿٦١﴾

(٦١) پوءِ جڏهن هو ٻنهي سمنڊن جي ملڻ واري جاءِ تي پهچي ويا، تڏهن کين انهيءَ مڇيءَ جو خيال ئي لهي ويو (جا پاڻ سان کنئي هئائون) انهيءَ مڇيءَ سمنڊ ۾ وڃڻ جي لاءِ سرنگهه وانگر هڪ واٽ ڳولي لڌي هئي.

فَلَمَّا جَاوَزَا قَالَ لِفَتٰىهُ اٰتِنَا غَدَاۗءَنَا ۡ لَقَدْ لَقِيْنَا مِنْ سَفَرِنَا هٰذَا نَصَبًا ﴿٦٢﴾

(٦٢) جڏهن هو اڳتي وڌيا تڏهن موسىٰ پنهنجي ماڻهوءَ کي چيو ته، اڄ جي مسافريءَ اسان کي ڏاڍو ٿڪائي وڌو آهي. ناشتو (يعني نيرن جي ماني) آڻ ته کائون.

قَالَ اَرَءَيْتَ اِذْ اَوَيْنَآ اِلَى الصَّخْرَةِ فَاِنِّيْ نَسِيْتُ الْحُوْتَ ۡ وَمَآ اَنْسٰنِيْهُ اِلَّا الشَّيْطٰنُ اَنْ اَذْكُرَهٗ ۚ وَاتَّخَذَ سَبِيْلَهٗ فِي الْبَحْرِ ڰ عَجَبًا ﴿٦٣﴾

(٦٣) هن چيو ته، توهان (هي واقعو) ڪونه ڏٺو ڇا؟ جڏهن اسان (سمنڊ جي ڪناري تي) ٽڪريءَ جي پرسان ٻيٺا هئاسين، تڏهن مون کي مڇيءَ جو خيال ئي لهي ويو هو. هن عجيب طريقي سان سمنڊ ۾ وڃڻ جي واٽ ڳولي لڌي، ۽ هو شيطان جوئي ڪم هو، جو تو سان اها ڳالهه ڪرڻ مون کان بلڪل وسري ويئي.

قَالَ ذٰلِكَ مَا كُنَّا نَبْغِ ڰ فَارْتَدَّا عَلٰٓي اٰثَارِهِمَا قَصَصًا ﴿٦٤﴾

(٦٤) موسىٰ فرمايو ته، جنهن ڳالهه جي تلاش ۾ نڪتا هئاسين سا اها ئي آهي، پوءِ هو ساڳيا پير وٺي پنتي موٽيا.

فَوَجَدَا عَبْدًا مِّنْ عِبَادِنَآ اٰتَيْنٰهُ رَحْمَةً مِّنْ عِنْدِنَا وَعَلَّمْنٰهُ مِنْ لَّدُنَّا عِلْمًا ﴿٦٥﴾

(٦٥) (پوءِ جڏهن انهيءَ ٽڪريءَ وٽ پهتا) تڏهن هنن کي اسان جي (خاص) ٻانهن مان هڪ ٻانهو ڳڏيو. انهيءَ شخص تي اسان خاص طرح رحمت ڪئي هئي. ان کي پاڻ وٽان (سڌيءَطرح) علم عطا فرمايو هو (يعني کيس وحي موڪيندا هئاسين.)

قَالَ لَهٗ مُوْسٰي هَلْ اَتَّبِعُكَ عَلٰٓي اَنْ تُعَلِّمَنِ مِمَّا عُلِّمْتَ رُشْدًا ﴿٦٦﴾

(٦٦) حضرت موسىٰ کيس چيو ته، جيڪڏهن توهان اجازت ڏيڻ فرمايو ته، توهان سان رهان، هن لاءِ ته جيڪو چڱو علم اوهان کي (خدا وٽان) سيکاريل آهي، تنهن مان ڪجهه مون کي ٻه سيکاريو.

| | |
|---|---|
| قَالَ اِنَّكَ لَنْ تَسْتَطِيْعَ مَعِيَ صَبْرًا ﴿٦٧﴾ | (٦٧) هن جواب ڏنو تہ (هائو پر) تون مون سان رهي صبر نہ ڪري سگهندين. |
| وَ كَيْفَ تَصْبِرُ عَلٰى مَا لَمْ تُحِطْ بِهٖ خُبْرًا ﴿٦٨﴾ | (٦٨) ۽ ڪيئن صبر ڪري سگهندين جڏهن تون اهڙي ڳالھ ڏسندين جا تون سمجهي ڪين سگهندين؟ |
| قَالَ سَتَجِدُنِيْۤ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ صَابِرًا وَّ لَآ اَعْصِيْ لَكَ اَمْرًا ﴿٦٩﴾ | (٦٩) حضرت موسيٰ چيو تہ جيڪڏهن خدا چاهيو تہ توهان مون کي صابر ڏسندؤ. مان توهان جي ڪنهن بہ حڪم جي نافرماني نہ ڪندس. |
| قَالَ فَاِنِ اتَّبَعْتَنِيْ فَلَا تَسْـَٔلْنِيْ عَنْ شَيْءٍ حَتّٰۤى اُحْدِثَ لَكَ مِنْهُ ذِكْرًا ﴿٧٠﴾ | (٧٠) هن چيو تہ چڱو جيڪڏهن توکي مون سان رهڻو آهي تہ هن ڳالھ جو خيال رکجانء جو جيستائين مان پاڻ توکي ڪجھ نہ چوان تيستائين ڪنهن بہ ڳالھ بابت ڪو سوال نہ پڇجانء. |

## رڪوع 10

**ابهرائي ڪري خدا جي انصاف ۾ گمان آڻڻ نہ گهرجي.**

| | |
|---|---|
| فَانْطَلَقَا ٚ حَتّٰۤى اِذَا رَكِبَا فِي السَّفِيْنَةِ خَرَقَهَا ؕ قَالَ اَخَرَقْتَهَا لِتُغْرِقَ اَهْلَهَا ۚ لَقَدْ جِئْتَ شَيْـًٔا اِمْرًا ﴿٧١﴾ | (٧١) پوء هو ٻئي مسافري ڪندا اڳتي هلندا رهيا تانجو (سمنڊ جي ڪناري تي پهتا ۽) ٻيڙيء ۾ سوار ٿيا. (حضرت موسيٰ جي سنگتيء چا ڪيو جو) انهيء ٻيڙيء ۾ ڏار وجهي ڇڏيائين. حضرت موسيٰ (اهو حال ڏسي بي اختيار) چئي ڏنو تہ هي ڇا ڪيو؟ ٻيڙيء کي هن لاء ڏار وجهي ڇڏيو ڇا تہ ٻلي مسافر ٻڏي وڃن؟ توهان تي وڏي خطرناڪ ڳالھ ڪري وڌي آهي. |
| قَالَ اَلَمْ اَقُلْ اِنَّكَ لَنْ تَسْتَطِيْعَ مَعِيَ صَبْرًا ﴿٧٢﴾ | (٧٢) هن فرمايو تہ مون چيو ڪين هو تہ تون مون سان رهي صبر ڪري نہ سگهندين؟ |
| قَالَ لَا تُؤَاخِذْنِيْ بِمَا نَسِيْتُ وَ لَا تُرْهِقْنِيْ مِنْ اَمْرِيْ عُسْرًا ﴿٧٣﴾ | (٧٣) حضرت موسيٰ فرمايو تہ ڀل ٿي ويئي. انهيء ڀل تي پڪڙ نہ ڪجو، سختي نہ ڪجو. |
| فَانْطَلَقَا ٚ حَتّٰۤى اِذَا لَقِيَا غُلٰمًا فَقَتَلَهٗ ۙ قَالَ اَقَتَلْتَ نَفْسًا زَكِيَّةًۢ بِغَيْرِ نَفْسٍ ؕ لَقَدْ جِئْتَ شَيْـًٔا نُّكْرًا ﴿٧٤﴾ | (٧٤) وري هو اڳتي هليا، تان جو (هڪ ڳوٺ جي ويجهو پهتا ۽) ڪين هڪڙو ڇوڪرو گڏيو. (حضرت موسيٰ جي سنگتيء) انهي ڇوڪر کي قتل ڪري ڇڏيو. تنهن تہ حضرت موسيٰ چئي ڏنو تہ توهان هڪ بي گناهہ جي حياتي وڃائي، حالانڪ هن ڪنهن کي بہ نہ ماريو هو، توهان کهڙي نہ برائيء جي ڳالھ ڪئي آهي! |